سنڌ جي تاريخ جو سلسلو-جلد ٻيو

# سنڌ

## مسلمانن جي فتح کان اڳ

ايڇ.ٽي-لئمبرڪ



سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ • ايڇ.ٽي-لئمبرڪ •

سنڌ جي تاريخ جو سلسلو — جلد ٻيو

# سنڌ

## مسلمانن جي فتح کان اڳ

ليکڪ:

ايڇ. ٽي. لئمبرڪ

سي. آءِ. اي، ڊي: لٽ، ايف. ايس. اي،

ايمريٽس فيلو

اوريئل ڪاليج، آڪسفورڊ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد

١٤١١ھ / ١٩٩٠ع

چاپو پهريون: سال ۱۹۸۴ع تعداد ۱۰۰۰
چاپو ٻيو: سال ۱۹۹۰ع تعداد ۲۰۰۰

[سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم]

هي ڪتاب مسٽر سومار علي سومري انگريزي مان
سنڌي ۾ ترجمو ڪيو ۽ جناب محمد ابراهيم جويي
ان جي تصحيح ڪئي.

قيمت: سٺر رپيا
[Price Rs: 70-00]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(جي. پي. او باڪس نمبر ۱۲، حيدرآباد سنڌ).

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ ۾
مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ مسٽر ولي محمد رونجهو سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ ان کي شايع ڪيو.

# فهرست


بان جي لڳ ڀڳ تاريخوار ترتيب [illegible]

پليٽن جي فهرست [illegible]

نقشن جي فهرست [illegible]

**باب**

۱. سنڌو تهذيب، ان جو آسرڻ ۽ ڦهلجڻ ۱

۲. سنڌو تهذيب، عروج ۽ زوال ۴۶

(باب ۱ ۽ ۲ جو ضميمو) ۱۵۰

۳. سنڌ جي قديم روايتي تاريخ ۱۱۹

۴. سنڌ، ايران جي هخامنشي بادشاهن جي هٿ هيٺ ۱۳۱

۵. سڪندراعظم جي ڪاهه ۱۳۸

۶. سنڌ، موريا گهراڻي وارن ۽ بئڪٽريا وارن يونانين جي زماني ۾ ۱۶۹

۷. سنڌ سٿين ۽ پارٿين لوڪن جي هٿ هيٺ ۱۸۹

٨. سنڌ، عيسوي سن جي ٻهرين ٻنجن صدين دوران ٢٠٦

٩. سنڌ جو ٻڌ ڌرم وارو راءِ گهراڻو ٢٢٥

١٠. چچ جو قبضو ٢٥٤

١١. سنڌ جي برهمڻ گهراڻي جو زوال ٢٨٧

## لئمبرڪ جي حياتيءَ جو حوال

١. ايڇ. ٽي. لئمبرڪ

- غلام رباني اگرو ٣٢١

٢. ايڇ. ٽي. لئمبرڪ

- ڊاڪٽر حميده کهڙو ٣٣٣

## ڏسڻي (INDEX)

مرتب: ڊاڪٽر ابرسلمان شاهجهانپوري

● جاگرافيائي هنڌ وغيره ٣٣٧

● قومن، قبيلن ۽ ماڻهن جا نالا ٣٤٨

# بابن جي لڳ ڀڳ تاريخوار ترتيب

## (Approximate Chronology of Chapters)

| باب | | |
|---|---|---|
| ١. | سنڌو تهذيب — ان جو آسرڻ ۽ ڦهلجڻ. | اندازاً ٢٥٠٠ق.م — اندازاً ١٥٠٠ق.م |
| ٢. | سنڌو تهذيب — عروج ۽ زوال. | اندازاً ١٥٠٠ق.م اندازاً ٥١٩ق.م |
| ٣. | سنڌ ايران جي هخامنشي بادشاهن جي هٿ هيٺ. | اندازاً ٥١٩ق.م — ٣٢٦ق.م |
| ٤. | سڪندر اعظم جي ڪاهه. | ٣٢٦ — ٣٢٥ق.م |
| ٥. | سنڌ مور يا گهراڻي وارن ۽ بئڪٽريا وارن يونانين جي زماني ۾. | ٣٢٥ — اندازاً ١٢٠ق.م |
| ٦. | سنڌ سٿين ۽ پارٿين لوڪن جي هٿ هيٺ. | اندازاً ١٢٠ق.م — اندازاً ٥٠ع |
| ٧. | سنڌ عيسوي سن جي پهرين پنجن صدين دوران. | اندازاً ٥٠ — اندازاً ٥٥٠ع |
| ٨. | سنڌ جو ٻڌ ڌرم وارو راڄ گهراڻو. | اندازاً ٥٥٠ — اندازاً ٦٤٤ع |
| ٩. | چچ جو قبضو. | اندازاً ٦٤٤ — اندازاً ٦٧١ع |
| ١٠. | سنڌ جي برهمڻ گهراڻي جو زوال. | اندازاً ٦٧١ — ٧١٢ع |

## پليٽن جي فهرست


۱. موهن جي دڙي بابت زميني تهن جو خاڪو — ص ۱۰۲

۲. ڳاڙهو پڙو، تعلقو مٺي — ص ۱۱۵

۳. ٿل مير رڪن (يعني اسٽوپا) تعلقو سڪرنڊ — ص ۲۱۹

۴. اسٽوپا ميرپورخاص. — ص ۲۲۰

۵. ميرپورخاص جي اسٽوپا مان مليل مورتي. — ص ۲۲۱

۶. برهمڻ آباد جو ٿل. — ص ۲۷۰


نوٽ: مصنف، ليڊي ٿامس جو شڪرگذار آهي، جنهن لُٺهتو جي پرسان "ڳاڙهو پڙو" جون تصويرون هٿ ڪري ڏنيون.

# نقشن جي فهرست

**(List of Maps)**


١. هڙپا ۽ موهن جي دڙي واري دؤر جا آثار،
سنڌ ۾ ۽ سنڌ جي ارد گرد — ص ٢

٢. سنڌو سلطنت جوسُمير ۽ آڪد سان لاڳاپو — ص ٥٢

٣. سنڌ، حضرت عيسيٰ کان ٣٢٦-٣٢٥ سال اڳ،
سڪندر جي ڪاهه ۽ فتح جو نقشو — ص ١٥٠

٤. سنڌ جي هندو بادشاهت — ص ٢٢٩


---

# ناشر طرفان

سنڌي ادب تي احسان ڪندڙن ۽ ”سما“ دور جي ادبي مواد، ڪلهوڙا دور جي ادبي تخليقات ۽ انگريزي دور جي ”ادبي خدمتن“ کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي. برطانوي آفيسرن جنهن دلچسپيءَ ۽ جاکوڙ سان سنڌي ادب کي ترقي ڏياري، سا اڄ جي سنڌ واسين لاءِ هڪ تازيانو آهي.

”سنڌي ادبي بورڊ“ پاڻ کي خوش قسمت ٿو سمجهي جو سنڌ جي تاريخ تي ڪيس اهڙا آملهه مسودا ۽ معياري قلمڪار مليا، جو جيڪي ڪجهه اڄ تائين سنڌ جي تاريخ تي پيش ڪيو ويو آهي. تنهن تي تنقيد يا تردد جو عمل گهٽ ۾ گهٽ ٿيو آهي.

ايڇ-ٽي ليمبرڪ سنڌ جي نمڪ حلالي ڪئي آهي. اڄ تائين سنڌس نوڪ قلم سان، سنڌ لاءِ جيڪي ڪجهه به عنايت ٿيو آهي، سو وڏي وٿ آهي. مونکي پنهنجي منصبي حيثيت سان، هن مسودي جو ٻيو ڇاپو آڻڻ ۾ گهڻي خوشي محسوس ٿي رهي آهي. انشاءَ الله تعاليٰ سنڌ جي تاريخ ۽ ادبي ذهن رکندڙن وٽ هيءَ خدمت وڏو مقام حاصل ڪندي ۽ اهائي اسانجي همت افزائي جي ثابتي ٿيندي.

منهنجي سڀني رفيقن جو آئون ٿورائتو آهيان، جن جي همت ونڊائڻ سان ڪتاب جو هيءُ ڇاپو مختلف مرحلا طي ڪري اسان وٽان اوهانجي هٿن تائين پهتو. آءٌ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن صاحب ۽ سنڌن فاضل صلاحڪارن (بورڊ آف گورنرس) جي اِن فيصلي کي، ساراهڻ کان رهي نٿو سگهان، جن جي نيڪ مشورن سان، ڪتاب ڇاپي هيٺ آيو. مهرباني

ولي محمد رونجهو
(ولي سروري)

تاريخ ۲۹-آڪٽوبر ۱۹۹۰ع

# ناشر جو نوٽ

سنڌ سرڪار سن ١٩٥١ع ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب کي ترقي وٺائڻ لاءِ سنڌي ادبي بورڊ قائم ڪيو. بورڊ متعدد اشاعتي رٿون تيار ڪيون، جن ۾ هڪ رٿ سنڌ جي مستند ۽ جامع تاريخ شايع ڪرڻ بابت آهي. هي ڪتاب مذڪور رٿ هيٺ شايع ڪيو ويو آهي. انهيءَ رٿ جو مقصد، تاريخي دؤر کان اڳ واري زماني کان وٺي سن ١٩٤٧ع ۾ پاڪستان جي ٺهڻ تائين، سنڌ جي صحيح تاريخ نوَن جلدن ۾ لکائڻ ۽ شايع ڪرڻ آهي. اميد آهي ته خدا جي فضل و ڪرم سان، سنڌ جي سڄي تاريخ ٽن ٻولين يعني سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ هيٺينءَ ترتيب موجب شايع ٿي ويندي:

**جلد -١**

ملڪ جي جاگرافيءَ ۽ آب و هوا جي خاصيتن جو مڪمل بيان ۽ انهن خاصيتن جو سنڌ جي سر زمين جي تاريخ تي جيڪو اثر پيو آهي، تنهن جو ذڪر، سنڌو نديءَ جي وهڪرن بدلائڻ جو بيان. ان کان سواءِ مبصرن طرفان مختلف وقتن تي سنڌ جي تمدن جي مرڪزن، آباديءَ جي تشڪيل ۽ مقامي ٻولين بابت لکيل احوال.

**جلد -٢:**

سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب - ايران جا قبضي ۾ آندل علائقا - سڪندراعظم جي ڪاهه - سٿين لوڪ ۽ سندن جانشين - ٻڌ ڌرم جو دور - برهمڻ گهراڻو ۽ ان جو زوال.

**جلد -٣:**

عربن جو دؤر، طلوع اسلام جي احوال سميت.

**جلد -٤:**

غزنوي، غوري گهراڻا ۽ انهن جا جانشين - سومرا.

ٿي ويندو، ۽ اهو اهڙن گهڻن ئي خالن کي ڀرڻ ۾ مدد ڏيندو، جيڪي هن مقالي ۾ نمايان نظر ايندا.

آءٌ سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن جي ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو احسان مڃڻ پنهنجو فرض سمجهان ٿو، جنهن هن مسودي ۾ گهڻين ئي هنڌن تي اصلاح واسطي مون کي مفيد مشورا، معلومات ۽ تجويزون ڏنيون.

—ايچ. ٽي. ايل.


HARAPPAN SITES
IN AND CLOSE TO
SIND
WEST AND EAST BRANCHES OF THE INDUS, THE DRASTIC CHANGE OF THE EASTERN COURSE, AND THE CONTEMPORARY COAST LINE, ALL AS CONJECTURED BY THE AUTHOR.
SANDY DESERT, AND LAND OVER 1000 FEET ABOVE M.S.L., SHADED.
SCALE IN MILES
Arabian Sea
Thar Desert
(Post-Harappan land formation)
(KACHH)
DESALPUR
Coast line
JUDEIRJODARO
LIMO JUNEJO
HAKRA
KOTASUR
THER
MOHENJODARO
MEHI
NINDO
LOHUMJO
CHANHUDARO
AMRI
BALA KOT
(Karachi)
AMILANO
GARHO BHIRO
Modern Course
Western branch?
Eastern branch?
Eastern Hakra branch
Western branch
Nara
Raini
Hakra
(Hyderabad)
(Las Bela)
Rohri

هيءَ راءِ قائم ٿيڻ لڳي آهي ته پنهنجي شهرن ۾ موهن جي دڙي وارو شهر وڏيڪ اڳڀرو آهي. بهرحال، هن ڳالهه جو امڪان نظر اچي ٿو ته سرڪاري عمارتن واري حصي جي مخصوص تنظيم ۽ رٿابندي، جيڪو هيٺين شهر کان مٿينءَ سطح تي اڏيل هو، شايد هڙاپا(٢٥) ۾ شروع ٿي ۽ موهن جي دڙي ڏانهن درآمد ڪئي ويئي، ۽ بعد ۾ اها فقط ڪن ننڍن شهرن لاءِ نموني طور اختيار ڪئي ويئي. اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو ته اهڙا شهر شايد ضلعي هيڊڪوارٽر هئا، ۽ ٿي سگهي ٿو ته اها رٿابندي عام طرح سان (نئين؟) حڪمران طبقي جي پاليسيءَ جي عڪاسي ڪري رهي هئي، جن پنهنجي وقار کي مادي شين جي وسيلي سان وڌائڻ پئي چاهيو. اهائي تنظيم ۽ رٿابندي سنڌو لوڪن جي عظيم ڏاکڻي ”صوبي“ جي ٻن شهرن، ”ڪالي بنگن“ ۽ ”لوٿل“ (٢٦) ۾ نظر اچي ٿي، جنهن (صوبي) جو خاڪو گذريل ڏهن سالن جي کوجنائن جي نتيجي ۾ تشڪيل ٿيو آهي. انهيءَ صوبي جي شناخت ۽ سنڌو تمدن جي جمنا جي واديءَ تائين واڌ سان، جيئن آڪلنا جي آثار قديمه ۾ ڏٺو ويو آهي، منهنجيءَ راءِ موجب هين پراڻي نظريي جي ترديد ٿي آهي ته سنڌو ”رياست“ تي، ان جي قيام ۽ وجود جي وڏي عرصي تائين، گهٽ ڪري ٻن گادين وارن شهرن (هڙاپا ۽ موهن جي دڙي) مان، جيڪي هڪٻئي کان چار سؤ ميل(٢٧) پري هئا، حڪومت ڪئي ويندي هئي، ٻنهي گاديءَ وارن شهرن جي وچ ۾ پاڻيءَ رستي سڌو رابطو قائم هو، ۽ اسان کي اها حقيقت معلوم آهي ته سنڌو لوڪ ٻيڙيون ڪم آڻيندا هئا، جن جي بناوت ۽ شڪل صورت انهن کان مختلف نه هئي، جيڪي هن زماني ۾ درياءَ تي هلن ٿيون. ظاهري طور ساڳئي قسم جي رياست لاءِ ٻن دارالحڪومتن رکڻ جو اصلي سبب انهيءَ قوم طرفان آاد ڪيل سنڌو واديءَ جي وڏي ڊيگهه نه، بلڪ انهيءَ واديءَ جي پنجاب جي ميدان ۽ سنڌ جي ميدان ۾

بدلي ۾ هلندڙ هو، جنهن جو آغاز شايد گهڻو(٣٥) آڳاٽو ٿي چڪو هو.

هڪ ڳالهه يقيني نظر اچي ٿي ته سنڌو لوڪن جي سلطنت انهيءَ دؤر جي قديم دنيا ۾ ٻين سڀني سلطنتن جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ وسيع هئي. سنڌوترائي ۽ ان سان لاڳو اتر اولهه وارن ميدانن جي پکيڙ، جتي انهن ماڻهن جون آباديون ۽ شهرن ڪي سڀ ڪان پهرين سڃاتو ويو، ڏيکه ۾ گهٽ ۾ گهٽ ست سؤ ميل ۽ ويڪر ۾ هڪ سؤ يا هڪ سؤ پنجاهه ميل آهي. البت اسان ڪي اهو معلوم ناهي ته هنن سنڌو لوڪن يا "هڙاپا لوڪن" ڪي سنڌن آباديون ايڏي علائقي ۾ ڦهلائڻ ۾ ڪيترو زمانو لڳو. پر اها ايراضي ذري گهٽ اوتري وڏي آهي، جيتري بعد واري اسيريا سميت، سمر ۽ اڪاد جي گڏيل ايراضي آهي، ۽ "مينس" جي اترئين ۽ ڏاکڻين مصر جي گڏيل ايراضيءَ ڪان وڏيڪ وڏي آهي. ان جو سبب، سنڌن گذاري جي موجود ذريعن تي وڌندڙ آدم شماريءَ جو دٻاءُ نه هوندو، جنهن انهن ڪي پنهنجي آباديءَ ڪي ماپائڻ لاءِ ايڏي وڏيءَ ايراضيءَ تي قبضي ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو هوندو. اسين هن سلسلي ۾ هي اندازو بخوبي لڳائي سگهون ٿا ته سنڌن سرزمين ۾، سنڌن مقابلي ۾ ان طويل دؤر ۾ سنڌن اهڙا ڪي رقيب ڪين آيا، جن ۾ هنن جي حڪمراني ڪرڻ جي حق ڪي للڪارڻ جي قوت هجي؛ ۽ اها صورتحال ميسوپوٽيميا جي حالت ڪان بلڪل مختلف هئي، جتي هڪٻئي سان وڙهندڙ ۽ جنگيون جوٽيندڙ شهري رياستون ۽ طاقتور وحشي پاڙيسري هروقت موجود هئا. ڇا، هي سنڌو لوڪ اهڙا اڻ-ڏاپندڙ سامراجي هئا؟ يا ائين هو، جو انهن ۾ هڪٻئي سان مقابلو ڪندڙ ۽ اهڙا نت نوان پيدا ٿيندڙ، گهراڻا هئا، جيڪي پنهنجي حڪمرانيءَ جي خواهش ڪي انفرادي طور پوري ڪرڻ لاءِ هڪٻئي ڪان جدا ٿيندا ٿي رهيا، ۽ دور

(۴۰) پگٽ، حوالي ڏنل ڪتاب جو ص ۲۰۹؛ گورڊن چائيلڊ جي حوالي ڏنل ڪتاب جي ص ۱۷۷ جي سامهون.

(۴۱) پگٽ، حوالو ڏنل ڪتاب جي ص۱۱۸ جي سامهون؛ ڊيلس "هڙاپن آئوٽ پوسٽس آن دي مڪران ڪوسٽ"، جي "انٽي ڪئٽي، XXXVI (۱۹۶۲)، جو صفحو ۸۶.



Black Sea
Caucasus Mts
Caspian Sea
Aral Sea
Balkash
R. Ili
Tien Shan
Alai Range
Oxus?
Oxus R.
Elburz Mts
Anau
Hissar
(Kavin)
Sialk
Pamirs
Hindu Kush
Karakoram
Indus R.
Khyber Pass
Hari Rud
Murghab
Bronze Age Cultures of Iranian uplands
Zagros Mountains
ASSYRIA
Tigris R.
AKKAD
BABYLON
KISH
SUSA
SUMER
LARSA
UR
ERIDU
?DILMUN?
Persian Gulf
Arabia
Bahrain?
?DILMUN?
GAN?
(Makran)
Kulli
Oman
Suleiman Ra.
Indus R.
Jhelum R.
Chenab R.
Ravi R.
Beas R.
HARAPPA
Sutlej
Himalayas
Thar Desert
?M
?GUBIN?
LOTHAL
?SEA-LAND?
India
Ganges R.
Jumna R.
Arabian Sea
M.T.L. Sculp
THE 'INDUS EMPIRE' IN RELATION TO SUMER, AKKAD, ETC.
MODERN EXTENSIONS OF SEA-COASTS AND RIVER COURSES INDICATED BY BROKEN LINES.
SCALE IN MILES 0 50 100 200 300 400 500

پر آهـا جاءِ وري ڀيهر آباد ڪئي ويئي، ۽ سا بہ "سندو" لوڪن طرفان، پر نئون شهر پراڻي جي ڀيٽ ۾ نمايان طور سادو ۽ گهٽ درجي وارو هو. عمارتن جو معيار بي ڍنگو بڻجي چڪو آهي، جو گهرن جون جايون گهٽو ڪري انهن سرن مان ٺهيل معلوم ٿين ٿيون، جيڪي اڳين اوچاين تان ڈاهي ڊوهي آنديون ويئون آهن، ۽ اهي ڪڏون، جن مان مٽي ڪڍي ويئي آهي، سي ڇڻ تہ ڪنهن بہ جي اثر ڪان وجود ۾ آيل ڪڏن وانگر سڄيءَ ايراضيءَ ۾ وات ڦاڙيو بيٺيون آهن (٤٠). اهي ڪڏون پنهنجي ليکي وري انهيءَ ايراضيءَ جي قابل استعمال حدن کي سوڙهو ڪن ٿيون، جنهن تي نئين اڏاوت ٿي ٿي سگهي، ۽ انهيءَ ڪري جايون هڪٻئي جي مٿان چڙهيو بيٺيون آهن. خوشحاليءَ واري دور جون وڏيون ۽ عاليشان عمارتون بنان سوچ سمجھ جي ننڍين ننڍين ڪوٺڙين ۾ ورهايون ويئون آهن، ۽ گهٽين جي مقرر ٿيل آنهن حدن ۾ ناجائز حد دخليون ٿيل آهن، جن کي گذريل ڪيترين ئي صدين جي دوران سختيءَ سان برقرار رکيو ويو هو. آڳهرائيءَ ۾ ٺهيل بي ڍنگن دڪانن جون وڏن رستن جي پاسن کان قطارون ٺهيون بيٺيون آهن، ۽ تعميري رٿائن جي معيارن ۾ آيل ابتريءَ جو هڪ وڌيڪ نمايان مثال اهو آهي تہ ڪنڀارن جون آويون، جيڪي اڳين ڏينهن ۾ شهر جي اندرين حدن اندر ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪيون وڃن ها، هاڻي هيٺي هٽي قائم ٿيل ڏسجن ٿيون، ۽ حد تہ اها آهي، جو انهن مان هڪ آوي تہ رستي جي بلڪل وچ تي بيٺي آهي (٤١).

صاف ظاهر آهي تہ شهري انتظاميہ جو سخت ضابطو، جيڪو شهر جي خوشحاليءَ ۽ آسودگيءَ جي طويل عرصي جو هڪ نمايان نشان هو، سو ان جي پوئين دور جي ابتريءَ سان گڏوگڏ غائب ٿي چڪو آهي. هيءُ موهن جو دڙو اهو ساڳيو هڪ عظيم قوم جي گاديءَ جو شهر ۽ هڪ تجارتي

(٥١) مئڪڊونيل ائنڊ ڪيٿ، "ويلڪ انڊيڪس آف نيمس ائنڊ سبجيڪٽس" ص٤٣٢؛ "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا - I" ص ٧٩.

ان جي ابتڙ، ڏسو راما پرساد چندا ايم. اي. ايس. آءِ، نمبر ٣١ (١٩٢٦ع)، ص ٥-٢ ۽.

(٥٢) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، ص ١٠١.

(٥٣) ايچ. ٽي. لئمبرڪ، "دي انڊس فلڊ، پلين ائنڊ دي انڊس سوليزيشن"، جاگرافيڪل جرنل، ڊسمبر ١٩٦٧ع، ص ٤٩١-٤٩٠ ۽.

(٥٤) سر ايل. وولي، "ايڪس ڪئويشنس ائٽ آر" ص ٢٤٨.

(باب ۱ ۽ ۲ جو ضميمو)

## موهن جي دڙي ۾ پوڏون

پوڏن ۽ سنڌو لوڪن جي شهر موهن جي دڙي تي انهن جي اثرن بابت ثابتين ۽ شهادتن، جيئن اهي کوٽائي ڪندڙ پهرين ماهرن کي نظر آيون هيون، ۽ جهڙيءَ طرح انهن شهادتن جي تشريح انهن ماهرن طرفان ڪئي ويئي هئي، تنَ جو هَن ڪتاب جي ٻئي باب ۾ جائزو ورتو ويو آهي. انهن کان سواءِ ٻين سمجهاڻين ۽ تشريحن، ۽ ٻين اهڙن تفصيلن جي موجودگيءَ جا پڻ، جن بابت رايا موجود آهن، مختصر طور حوالا ڏنا ويا آهن. جيئن تہ انهيءَ موضوع جي تشريح ۽ تفصيل متعلق راءِ جو اختلاف پيدا ٿي پيو آهي، ان ڪري آءٌ انهن پوين تفصيلن ۽ ثابتين جو، جن جي آڌار تي اهي تشريحون ڪيون ويئون آهن، مختصر طور جائزو وٺڻ مناسب سمجهان ٿو، تہ جيئن اهو ڏيکاري سگهجي تہ غلطي ٿيڻ جو ڪيئن ۽ ڇو امڪان پيدا ٿيو آهي.

سر جان مارشل ۽ ڊاڪٽر مئڪي جو تعلق آثار قديم جي ماهرن جي ”فلنڊرس پيٽري“ اسڪول سان سمجهڻ گهرجي، جيڪو مصر ۾ تشڪيل ڏنو ويو هو، ۽ جيڪو گهڻو ڪري انهيءَ ملڪ فلسطين، ميسوپوٽيميا ۽ هندستان جي برصغير ۾ ڪم ڪندو رهيو. ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ جي پوئين حصي جي دوران ۽ ان کان پوءِ ”پِٽ رِوَرس“ اسڪول ۾ سکيا ورتل آثار قديم جا ماهر، جن کي برطانيہ ۽ الهندي يورپ ۾ تحقيق جو تجربو حاصل ٿيو، اهي ”سنڌو تهذيب“ جي مرڪزن جي نئين سر تفتيش ڪري ۽ انهيءَ ميدان ۾ سنڌ ن پيشرو ماهرن طرفان ڪيل ڪم جو جائزو وٺي سگهيا. انهن

شروع ڪري هيٺين طرف ويندي، وڌيڪ وڌو انگ ڏيندا وڃن؟ آءٌ انهيءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه سوچي نٿو سگهان ته گهٽ ۾ گهٽ سنڌ واري سيلابي ميدان جي ڏاکڻين ۽ زيرين علائقي جي حالتن لاءِ اهوئي طريقو موزون ۽ مناسب آهي.

ايڇ. ٽي. ايل.

[نوٽ: هن ضميمي جو بنياد انهيءَ ليڪچر تي ٻڌل آهي، جيڪو ۴- ڊسمبر ١٩٦٨ع تي يونيورسٽي آف ڪئمبرج ۾ ڏنو ويو.]

## نوٽ

(١) بحواله آر. اي. ايم. وهيلر "آرڪيئالاجي فرام دي ارٿ" (١٩٥۴) ص ٢٢-١۴، ٥٦-٥١، ٨-١٢٧.

(٢) اسٽوئرٽ پگٽ "ائنشنٽ انڊيا" ۾ نمبر ۴ (۴٨-١٩۴٧) ص ۴-٢٦.

(٣) بحواله ايضاً، باب ٢، ص ٩-٣٨.

(۴) مئڪي، "فردر ايڪس ڪئويشنس"، ص XIV

(٥) پگٽ، "ائنشنٽ انڊيا" ۾ نمبر ۴، ص ٢٩.

(٦) "ائنٽي ڪئٽي XXXIX"، ص ٣٠٢-١٩٦.
"امريڪن ائنٽراپالاجسٽ"، جلد ٦٦، ١٩٦۴ع، ص ٢٩٩-٢٨۴.

(٧) "ائنٽي ڪئٽي XXXIX"، ص ٧-١٩٦.

(٨) "جاگرافيڪل جرنل"، جلد ١٣٣، ص ۴٩٥-۴٨٣.

(٩) سر مارٽيمر وهيلر، "دي انڊس سوليزيشن" ٽيون ڇاپو ١٩٦٨ع، صفحا ٢٩-١٢٨.

(١٠) آر. اي. ايم وهيلر، "آرڪيئالاجي فرام دي ارٿ" (١٩٥۴ع) ص ٥٣.

(١١) سر جان مارشل، "موهن جو دڙو ائنڊ دي انڊس سوليزيشن"، جلد -١ صفحو ١٠.

(١٢) اي. مڪي، "فردر ايڪس ڪئويشنس ائٽ موهن جو دڙو"، ج -١، ص XV.

(١٣) آر. ايل. رائيڪس، "ائنٽي ڪئٽي XXXIX" ۾ ص ١٩٦. "جرنل آف سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي"، ج -١ VII (١٩٤٦ع) ص ٦٠-٥٩.

(١٤) آر. اي. ايم وهيلر، "آرڪيئالاجي فرام دي ارٿ"، ص ٥٦.

## سنڌ جي قديم روايتي تاريخ

موهن جي دڙي جي زوال ۽ سنڌو رياست جي تباهيءَ کان پوءِ هڪ اهڙو اونداهو دؤر آيو، جنهن بابت اسان کي ذري گهٽ ڪا معلومات ڪانهي. سنڌو لوڪن جي ادارن، انهن شهرن جي تباهيءَ ۽ بربادي‍ءَ کان پوءِ، جن جي متان انهن جو سڄو آثار رهندو آيو هو، گهٽي تائين ڏڪ نه جهليو هوندو، ۽ انهن ماڻهن جي ثقافت جو فقط هڪ ئي عنصر، جيڪو بعد وارزي زماني تائين به باقي رهندو آيو، انهن جو مذهب هو—سو به انهن رسمن ۽ رواجن جي صورت ۾، جيڪي خود "سنڌو تهذيب" جي اڀرڻ کان اڳ سنڌو ماٿريءَ ۾ مروّج هيون.

هن ڳالهه جو وڏو امڪان آهي ته سنڌ ڪافي عرصي تائين انهن وحشي لوڪن جي حڪمرانيءَ هيٺ رهي، جن ان تي سڀ کان اول مغرب کان حملو ڪيو هو، ۽ ويدن وارا آريا لوڪ، جڏهن نيٺ وچي هن ملڪ سان لاڳاپو قائم ڪري سگهيا، سي هتي اهو اثر قائم نه ڪري سگهيا، جنهن جي زور تي انهن اتر هندستان جي باقي ٻئي حصي ۾ پنهنجا قدم ڄمايا هئا.

سنڌ جي باري ۾ روايتون سنسڪرت، فارسي ۽ پالي ٻولين جي ادب ۾ موجود ملن ٿيون، ۽ اهي هن ملڪ جي تاريخ جي پهرئين پڪي تاريخ کان اڳ واري دؤر جي سياسي حالت جي هڪ جهلڪ ڏيکارين ٿيون. ممڪن آهي ته انهيءَ روايتي مواد مان ڪجهه حصي جو تعلق بعد جي زماني سان هجي، پر انهيءَ نڪتي کي طئي ڪرڻ لاءِ

پيو نالو) پيدائشي طور اعليٰ ذات وارن سترهن قبيلن مان آهيون، ۽ اسين پڻ ڇهن شاهي خوبين سان نوازيل آهيون. انهيءَ ڪري اسين پانڊون کي پاڻ کان نيچ سمجهي، ڪانئن نفرت ڪريون ٿا.“ سيوي، سئُوير ۽ سنڌو قبيلن جي بهادرن کي جئدرٿ جي فوج ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي، انهيءَ لڙائي ۾ وڙهندي بيان ڪيو ويو آهي، جيڪا انهيءَ مهل ڇڙي، جڏهن پانڊون هنن کي اڇي رستي ۾ جهليو، ۽ هن لاءِ چيو ويو آهي ته هن جي رٿ جي چوڌاري ”پنج سؤ جابلو بهادرن“ جو محافظ دستو موجود هو.

اهڙيءَ طرح اسين جئدرٿ کي هڪ اهڙي طاقتور بادشاهه طور ڏسون ٿا، جنهن فتوحات جي ذريعي پنهنجي علائقي کي وڌايو هو. هن جو پنهنجي لاءِ آرين جي اعليٰ ترين ذات جي شاهي گهراڻي جي اصل نسل جي دعويٰ ڪرڻ جو مقصد شايد اهو هو، جو هن درويديءَ جي دماغ مان اهو خيال ڪيڍڻ پئي چاهيو ته سنڌو ماڙيءَ جي هيٺين علائقي جو راجا، جيڪو ڪُروڪيشتر کان ايڏي پَراهين علائقي جو حڪمران هو، سو ضرور ڪنهن نيچ قوم جو ماڻهو هوندو. مهاڀارت ۾ هڪ ٻئي هنڌ ذڪر آهي ته نَڪول پانڊوُ کي اڪ ۾ سڀني ۽ ٽري گرٿ قبيلن کي (جيڪي درويدي- هرنا- پارُوَ ۾ جه درٿ جا ساٿي نظر اچن ٿا) فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو هو، ۽ هن ”سڄو الهندو علائقو فتح ڪري ڇڏيو هو جيڪو سڄو مليڇن [اڻ آرين(٣)] سان ڀريو پيو هو. ٻوڌيان جي ڌرم سوتر جي مطابق، سئُويرن جي ملڪ کي آرين جي اصلي بادشاهيءَ جي حدن کان ٻاهر، ناپاڪ علائقو سمجهيو ويندو هو: جيڪي آريا اوڏانهن ويندا هئا، تن کي واپس(٤) اچڻ تي پاڪ ٿيڻ لاءِ قرباني ڏيڻي پوندي هئي. هتي هن ڳالهه جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو ته هي سڀ لوڪ پوري معقول نموني ۾ سڪندر جي زماني وارا ”سبوئي“ سمجهي

يا دارا هستاپس جي متعلق ڪي حقيقي روايتون پاڻ وٽ محفوظ
نہ رکيون هيون. پر اڳتي هلي، جڏهن اهي سرياني ذريعن
سان ايران جي انهن ٻن انتهائي پُر-شڪوه بادشاهن جي
وجود متعلق باخبر ٿيا، تڏهن هنن جا پنهنجي ملڪ جي
تاريخ بابت نظريا اڳيئي پڪا ٿي چڪا هئا، ۽ سندن هرهڪ
روايتي بادشاهہ جي نسل جي سلسلي ۽ ڪارنامن ڪي وٽن
عام طور تسليم ڪيو ٿي ويو. باقي رهيو ڪين ان سلسلي ۾
ايتروئي ڪرڻو هو، جو جتي بہ ممڪن ٿي پئي سگهيو، اتي
ڪنهن روايتي بادشاهہ کي ڪنهن نہ ڪنهن تاريخي طور
سچاتل بادشاهہ سان ملائي ڇڏڻو هو. جهڙيءَ طرح ڪاسيرس
جو نالو وٽن ڪيڪائوس سان ٺهڪي پئي آيو، تهڙي
نموني ۾ سائرس وري ڪيخسرو ٿي پيو- حالانڪ پوئين نالي
وارو بادشاهہ درحقيقت انڊو-ايراني روايت وارو ڪَوُهُنسرَوَ
هو، انهن کان پوءِ وري آرتاڪسيريس لانگيمانَس ضرور بَهمن
هوندو، جيڪو اردشير دراز دست(١١) جي نالي سان وٽن
اڳين ئي ساڳئي نموني مشهور ٿي ويو.

اهوئي بهمن آهي، جنهن کي تاريخ جي روايت ۾
سنڌ کي(١٢) 'شهنشاهيت' سان شامل ڪرڻ جو فخر بخشيو
ويو آهي، حالانڪ اهو ڪارنامو سچ پچ دارا هيستاپس جو هو.
اهڙيءَ طرح اسان کي مجمع التواريخ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ بهمن
پنهنجي ڏاڏي گستاسپ جي زندگيءَ ۾ "هندستان ڏانهن فوج
سان حملو ڪيو ۽ انهيءَ ملڪ جو هڪ حصو قبضي ۾ آندو...
بهمن هندن ۽ ترڪن جي حدن جي وچ ۾ هڪ شهر جو
بنياد وڌو، جنهن کي هن ڪندابيل جو نالو ڏنو، ۽ هڪ ٻئي
هنڌ تي، جنهن کي اتان جا ماڻهو "ٻُڌ" سڏين ٿا. هن هڪ
شهر جو بنياد وڌو، جنهن کي هن بهمن آباد جو نالو ڏنو."
عرب حاشيہ نويس وڌيڪ لکي ٿو تہ "هڪ بيان موجب
اهو منصوريہ آهي، پر وڌيڪ خدا ٿو ڄاڻي(١٣)". ساڳئي

سنڀاليو، تڏهن هن هندستان مان فوجون گهرايون هيون، ۽ هن جو اهو حڪم مڃيو ويو هو. هن ڏانهن پوري وقت تي ماڻهو ۽ هاٿي موڪليا ويا، جن اربيلا (١٢) واريءَ تباهڪن جنگ جي موقعي تي پهچي، هن سان ساٿ ڏنو. هيءَ ڳالهه ممڪن نظر اچي ٿي ته انهيءَ دور ۾ هندستاني علائقي جي اترئين حصي جي سرحد هئي سنڌو نديءَ جي ڪناري تي اچي بيٺي هئي؛ ڇاڪاڻ ته ان موقعي تي شهنشاهه دارا ڏانهن جيڪي هاٿي موڪليا ويا هئا، سي سنڌو نديءَ جي ساڄي ڪپ وارن هندستانين فراهم ڪيا هئا. اهو به امڪان آهي ته انهن ڏينهن ۾ علائقي جو سڄو انتظام پيهر مقامي شهزادن ۽ سردارن جي هٿن ۾ اچي ويو هو، جنهنڪري انهن جي ايران ڏانهن ماتحتيءَ ۽ نيازمنديءَ جو دارومدار ان عظيم شهنشاهه لاءِ سندن شخصي وفاداريءَ تي ئي وڃي بيٺو هو. "انڊيڪا" ۾ ان علائقي جي ڪنهن به ايراني گورنر جو ڪو ذڪر ڪونهي، ۽ نه وري اُئين ٿو نظر اچي ته چار سال (١٣) پوءِ جڏهن سڪندر سنڌو ماٿريءَ جي مهم تي پهتو هو، تڏهن ئي هن ڪي ڪو ايراني حاڪم يا ڪامورو اتي مليو هو، يا هن ڪنهن اهڙي ڪاموري بابت ڪا ڳالهه ئي ٻڌي هئي.

هندستان جي اترئين پاسي ڪهڙيون به تبديليون آيون هجن، پر هيءَ ڳالهه تسليم ڪرڻ گهرجي ته سنڌ جو سڄو علائقو، ويندي رڻ جي ڪناري تائين، هخامنشي شهنشاهن جي بالادستيءَ انهيءَ وقت تائين تسليم ڪندو رهيو، جيسين انهن جي بادشاهي ختم نه ٿي. بدقسمتيءَ سان ان دور جا هن سرزمين اندر ڪي به يادگار، ڪتبا يا سڪا اهڙا نه لڌا آهن، جيڪي انهيءَ ڳالهه تي ڪا روشني وجهن. انهن شين هيڪيٽيس ۽ ڪٽيسياس جي ڪتابن جي اڪثر اوراق جي عدم موجودگيءَ ۾ سنڌ جي تاريخ ذري گهٽ ٻن صدين جو اهو ڊگهو عرصو پورو هڪ اونداهو خال پيش ڪري ٿي. البت ايترو سو نظر

# سڪندر اعظم جي ڪاهه

سال ۳۳۱ ق. م جي سرءُ واريءَ موسم ۾ سڪندراعظم جي خلاف اربيلا واريءَ جنگ ۾ جن هندستاني فوجن، ايران جي ٻين شاهي فوجن سان گڏجي، لڙائي ڪئي هئي، سي خاص طرح بئڪٽريا ۽ آرڪيسيا جي سپاهين سان گڏ ميدان ۾ وڙهيون هيون، ۽ آهي انهن ٻنهي صوبن جي وائيسرائن جي ڪمان هيٺ هيون. انهن ۾ "جابلو هندستاني" ۽ ڪي "پندرهن هاٿي" به شامل هئا، "جيڪي انهن هندستانين موڪليا هئا، جيڪي سنڌوءَ جي هِن طرف رهندڙ هئا"- يعني ان جي ساڄي ڪپ تي(۱). انهيءَ صورتحال مان هيءُ اندازو ٿئي ٿو ته هندستان ۾ ايراني حڪومت جو اصلوڪو نظام خواهه ڪهڙو به هو، پر ان وقت انهن جو "شاهن جي شاهه" سان جيڪو به ناتو ۽ واسطو هو، تنهن جو دارومدار اُتان جي مقامي شهزادن ۽ سنڌن قبيلن جي شخصي وفاداريءَ تي هو.

دارا پنهنجي شڪست کان پوءِ اٽڪل ڇهن مهينن کان پوءِ ڪنهن به وارث ڇڏڻ کان سواءِ قتل ٿي ويو، ۽ چيو وڃي ٿو ته مرندي دم هن پنهنجي طرفان انهيءَ خوشيءَ ۽ اطمينان جو اظهار ڪيو هو ته ايران جي شهنشاهت وري به سڪندر جي هٿن ۾ وڃي رهي آهي، جنهن جو هو لائق هو. ان کان پوءِ ٽن سالن جي دوران هو مقدوني سورمو پوري نظم ۽ ضبط سان هڪ کان پوءِ ٻئي صوبي ڏانهن پيشقدمي ڪندو رهيو ۽ اتان جي ماڻهن جي وفاداريءَ جا وعدا حاصل ڪندو يا انهن کي مجبور ڪري پنهنجي آڻ مڃائيندو رهيو. هو سال ۳۲۹ ق. م ۾ ڪنڌار وڃي پهتو، جتان سنڌو ماٿري

نهايت تيز رفتاريءَ سان، لهوارو، درياءَ جي رستي هن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ وچي مٿس ڪڙڪيو.

سڪندر اڳيئي سنڌ کي، دريائن جي سنگم کان وٺي ويندي سمنڊ تائين، پنهنجي شهنشاهت جي هڪ ئي ماتحت صوبي جي حيثيت ڏيئي ڇڏي هئي، ۽ هن پنهنجي طرفان پيٿان ولد اگينور کي اُن جو وائسراءِ به مقرر ڪري ڇڏيو هو. ميوسيڪانس، سنڌو نديءَ جي هيٺانهين علائقي جي حڪمرانن ۾، سڀني کان وڌيڪ اهميت رکندڙ حاڪم هو، ۽ هن جا اتر سنڌ وارا علائقا سڄيءَ سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ ساوا ۽ آسودا هئا. پاٽل، جيڪا ميوسيڪانس جي علائقن جي پاسي ۾ ڏکڻ طرف سندس پاڙيسري سرزمين هئي، سا بظاهر خود مختيار هئي. ڊيئوڊورس سائڪيولس جي قول تي اعتبار ڪندي، مصنف جو چوڻ آهي، ۽ آها ڳالهه ڊيوڊورس سائيڪيولس به قبول ڪئي آهي، ته اُنهيءَ رياست جي سياسي جوڙجڪ اسپارٽا جهڙي هئي، "ڇاڪاڻ ته اُنهن وٽ جنگ جي حالت ۾ قيادت ٻن جدا جدا گهرائن جي موروثي بادشاهن وٽ هوندي هئي. البت سردارن جي هڪ جماعت سڄيءَ رياست تي اعليٰ ترين اختياريءَ سان حڪومت هلائيندي هئي." ايريئن، بهرحال پاٽل وارن جي فقط هڪ بادشاهه جو ذڪر ڪري ٿو ۽ ڪرٽيوس هن جو نالو موئيرس (١٢) ٻڌائي ٿو. سنڌ جي باقي ٻين ٻن سردارن، آڪسيڪانس ۽ سامبس جي حيثيت بابت وضاحت نه ٿي ملي. ايريئن طرفان آڪسيڪانس کي گورنر (١٣) ٻڌايو ويو آهي، ۽ جيتوڻيڪ سامبس لاءِ چيو ويو آهي ته هن جي ميوسيڪانس سان لڙائي هلندڙ هئي، پر ممڪن آهي ته هو هڪ فقط هڪڙو ماتحت سردار هو، جنهن پنهنجي وڏي حاڪم جي خلاف بغاوت ڪئي هئي. جيتوڻيڪ اهو يقين ناهي ته انهن جا علائقا سچ پچ ڪهڙي هنڌ تي واقع هئا، ان هوندي به اسين هين اندازي ڪرڻ ۾

يونان کان هتي آيل هي ٻاهريان ماڻهو ان ملڪ جي سماجي صورتحال ۽ تنظيمن کي ڏسي، ڏاڍا متاثر ٿيا. هتان جا ماڻهو پنهنجين عادتن ۾ وچٿرا ۽ سڀاءَ جا حليم، صحتمند ۽ وڏيون ڄمارون ماڻيندڙ هئا. انهن وٽ ڪي مخصوص رسمون ۽ رواج هئا، جن يونانين کي اسپارٽا جي ياد تازي ڪرائي-هو. ”لئسيڊيمونين وانگر ڪن موقعن تي عام دعوت ۾ گڏجي کاڌو کائين ٿا“. اهڙن موقعن تي سندن کاڌو آهو هوندو هو، جيڪو هو گڏجي شڪار ڪندي هٿ ڪندا هئا. هيءُ ملڪ قدامت پسند ۽ متعصب هندو مذهب کان پري هو. وري هن ملڪ ۾ جيتوڻيڪ ٻانهپ جو رواج ڪونه هو، ان جي باوجود هو ڇا ڪندا هئا جو پنهنجن نوجوانن کي سندن قوم جوڙين ۾ جهلي، سڄي راڄ جي جبري ملازمت ۾ رکي ڇڏيندا هئا — تقريباً اهڙيءَ طرح جيئن اسپارٽا وارا ڪميڻن کي نوڪريءَ ۾ رکندا هئا. هتان جي رياست فقط ڪن گنڀير قسم جي ڏوهن جي حالت ۾ قدم کڻندي هئي، باقي عام طرح سان امن امان رکڻ ۽ هڪٻئي سان ڏي-وٺ جي معاملن جو نبيرو اتان جي عوام جي هٿن ۾ هوندو هو. انهن ڳالهين مان هيءُ معقول اندازو ڪري سگهجي ٿو ته آتي مقامي حڪومت جو پنچايتي طريقو رائج هيو، جنهن جو انتظام نهايت سٺو هلندڙ هو، ۽ هرڪوئي ان جو احترام ڪندو هو. هيءَ آتان جي هڪ حيرت انگيز ڳالهه پڻ اسان جي ڌيان تي آندي ويئي آهي ته اتان جا ماڻهو فقط طبي علم کي سنجيده مطالعي جي لائق سمجهندا هئا، ”ڇاڪاڻ ته هي ماڻهو جنگي هنرن ۽ ٻين اهڙين ڳالهين جي گهڻي مطالعي کي ائين سمجهن ٿا ڄڻ هو ڪو گناهه جو ڪم ڪري رهيا هجن“. ائين به ٻڌايو ويو آهي ته هو سون ۽ چانديءَ کان به نفرت ڪندا هئا(١٥).

تي حملو ڪري قبضو ڪيو، جن مان هڪ شهر ۾ اهو سردار پاڻ به قيدي بنايو ويو." ڪرٽيئس جي بيان موجب، پورٽيڪانس پنهنجن ملڪي ماڻهن جي هڪ وڏي تعداد سان پاڻ کي هڪ مضبوط قلعي جي شهر پناهه اندر بند ڪري، دشمن جي حملي کي منهن ڏين لاءِ تيار ٿي ويٺو. سڪندر ٽن ڏينهن جي گهيري کان پوءِ پورٽيڪانس جي انهن شهر تي قبضو ڪيو. انهيءَ مهل جڏهن قلعي جي ٻاهرين مورچن تي قبضو ٿي ويو، تڏهن پورٽيڪانس پنهنجي ڪوٽ جي اندرئين پناهگاهه ۾ هليو ويو هو، ۽ اتان کان هن پنهنجا ايلچي ٻاهر موڪليا ته اهي وڃي فاتح سان صلح جون ڳالهيون هلائين ۽ هن جا شرط معلوم ڪن، جن تي هو شهر سندس حوالي ڪري. پر حملي آورن جي پيشقدمي ايتري ته زوردار هئي، جو جيستائين اهي ايلچي بادشاهه تائين پهچن ٿي پهچن، تنهن کان اڳيئي "قلعي جا ٻه برج ڏاڍي خوفناڪ آواز سان ڊهي اچي پٽ تي ڪريا، ۽ مقدوني فوج تباهه ٿيل شهر جي وچان شاهي ڪوٽ تائين ڌوڪيندي ويئي، ۽ اندرئين ڪوٽ تي قبضو ڪري، پورٽيڪانس کي قتل ڪري ڇڏيو، جيڪو پڇاڙيءَ تائين پنهنجن ٿورن ساٿين سان گڏجي انهن جو مقابلو ڪندو رهيو." جيڪڏهن اسين هي بيان قبول ٿا ڪريون، ته پوءِ ائين پيو معلوم ٿئي ته سڪندر پاڻ سان گڏ قلعن جي دروازن کي پڃڻ واريون ڪلون ڪاٺي ويو هو، ۽ اندازو ڪري سگهجي ٿو ته اهي ڪلون انهن هاٿين کٽي آتي پهچايون هونديون، جيڪي ميوسيڪانس بادشاهه کي تحفي طور پيش ڪيا هئا. مؤرخ ايرين انهيءَ سردار جي گرفتاريءَ کان پوءِ سندس انجام متعلق ڪجهه به نٿو ٻڌائي ته هن جو پوءِ ڇا ٿيو، يا سندس فتح ٿيل علائقن جو ڪهڙيءَ طرح فيصلو ڪيو ويو. هو فقط ايترو چوي ٿو ته اتان جيڪو لٽ ڦر جو مال هٿ آيو، سو فوج ۾ ورهايو ويو،

۽ اُتان جا ھٿ آيل فقط ھاٿي عام مقصدن لاءِ مخصوص رکيا ويا. ڪرٽيئس بي ھڪ خاص ڳالھہ اِھا ٻڌائي آھي تہ اتان جي سڀني قيدين ڪي فروخت ڪيو ويو، يعني تہ اُنھن جي عوض پيسا وٺي کين ڇڏيو ويو(١٦).

ان ڪان پوءِ سڪندر ھارايل سردار جي علائقن مان اڳتي ڏوڪيندو، فرار ٿيل سامبس جي سرحدن طرف وڌيو؛ رستي تي شھرن پٺيان شھر، مقابلي ڪان سواءِ، پيش پوندا ويا.— ”سڀني ھندستانين جون دليون سڪندر ۽ سندس فوجن جي ڪامياب يلغارن ڪان خوف ۽ ھراس وچان ايتريقدر ڪمزور ۽ نِستيون ٿي ويون ھيون.“

دراصل اِھا نِستائي گمراھہ ڪندڙ ھئي. جلد ئي اھا ڳالھہ ظاھر ٿي تہ سنڌ ۾ ھڪ اھڙي خفيہ طاقت موجود ھئي، جيڪا ڌارين جي مقابلي ڪرڻ لاءِ ماڻھن جي دلين ۾ اٽل ارادو پيدا ڪري پئي سگھي، اھا قوت برھمڻن جو اثر ھو. اِھا حقيقت اُن وقت ظاھر ڪانہ ٿي، جڏھن سڪندر سامبس جي دارالحڪومت سِنديمن جي دروازن وٽ اچي پھتو؛ دروازا کوليا ويا، ۽ سردار جي ڪٽنب جا ڀاتي پنھنجن ھٿن ۾ ھن جا خزانا کڻي، اچي ٻاھر بيٺا، ”جن جي قيمت جو ھنن حساب لڳائي ڇڏيو ھو“، ۽ تن سان گڏ ھن جا ھاٿي ۾ ڪاھي آيا. ھنن اِئين بہ اچي چيو تہ سامبس مخالفت يا بغاوت جي خيال سان فرار ڪونہ ٿي ويو آھي، پر ھن خوف ۾ اچي ائين ڪيو آھي؛ ھن کي جڏھن اھو معلوم ٿيو تہ سندس دشمن، ميوسيڪانس، جي بادشاھہ وٽ سرخرو ٿي ٿي آھي، تڏھن اُن ۾ ھن کي پنھنجي لاءِ نھايت ئي خراب نتيجو ڏسڻ ۾ آيو(١٧). اھا ڳالھہ واجبي ۽ معقول بہ ھئي؛ پر اُنھيءَ وچ ۾ چا ٿيو، جو سامبس جي علائقي ۾ برھمڻن جو ھڪ شھر ظاھر ظھور حملہ آور جي مقابلي ڪرڻ لاءِ ڪمرڪشي ٻيھي رھيو. سڪندر فوراً اُنھيءَ شھر تي ھڪ ڀرپور



SIND IN 326-325 B.C.
ILLUSTRATING THE INVASION BY
ALEXANDER THE GREAT
COASTLINE OF DELTA CORRESPONDING WITH THE MODERN CONTOUR 20 FEET ABOVE SEA LEVEL; COURSE OF INDUS ACCORDING TO THEORY IN TEXT; ROCKY AND SANDY ELEVATIONS SHADED.
SCALE IN MILES
MUSICANUS
INDUS R.
Oxycanus
PRAESIANE?
MUSICANUS' CAPITAL?
(AROR)
PATALA
PATALA?
(BAHMANABAD)
NARA
ARABITAI
Arabian Sea
MODERN COAST LINE
"ISLAND IN DEEP SEA"
(ABAN SHAH)
CUTCH
GREITAT
(Modern)
BOLAN R.
HAB R.

فوجي دستي کي ساڻ ڪري، "ڏائي هٿ واري طرف" راس مونزي جي اترئين پاسي، ساموندي ساحل تائين پيشقدمي ڪري، پهتو. ائين ڪرڻ لاءِ هن جا ٻه مقصد هئا: هڪ پنهنجي آرساڙ جي خلاصين لاءِ کوهه کوٽائڻ، ۽ ٻيو اوريتائي لوڪن جي ملڪ تي هڪ پاسي کان پيشقدمي ڪرڻ، جيڪي حب نديءَ جي ٻئي ڪپ تي رهندا هئا، جيڪو هن وقت 'لس ٻيلي' جي نالي سان مشهور آهي. پر اهو قبيلو، جيڪو "گهڻي وقت کان وٺي آزاد رهيو هو"، انهن مثالن مان ٻه ڪو فائدو نه وٺي سگهيو، جيڪي ترسنڌ جي سندن پاڙيسرين سڪندر سان پنهنجي روش جي سلسلي ۾ قائم ڪيا هئا؛ مطلب ته اُن قبيلي بادشاهه جي آجيان ڪرڻ کان پاڻ کي پوئتي رکيو ۽ هُن لاءِ پنهنجي دوستاڻي لاڙي جو مظاهرو نه ڪيو. هيفاسشان کي حب جي ڪناري تي ٻيهاريل لشڪر جي مکيه حصي جي نگرانيءَ لاءِ ڇڏيو ويو، جيڪو شايد لڙنگ لوهرائيءَ جي. پسگردائيءَ ۾ هو؛ اسان کي سمجهڻ گهرجي ته ائين رکيو سڪندر جي رٿيل يلغار کان اوريتائي لوڪن جو ڌيان هٽائڻ لاءِ ڪيو ويو هو. سڪندر جي پيشقدمي تمام تيز ۽ فيصلو ڪن هئي؛ هن حب نديءَ جي اولهه ۾ واقع ويران جابلو علائقي جا ويهه ميل هڪ رات ۾ پورا ڪيا، ۽ پوءِ اتان هو، پنهنجي فوج کي وسيع محاذ ۾ ڦهلائي، اترئين ميدان وچان طوفان وانگر ڪاهي ويو، ۽ انهيءَ دوران جيڪو ٻه مقابلي لاءِ سامهون آيو، تنهن کي سندس گهوڙيسوار فوجَ ترارَ جو لقمو بڻائيندي رهي، ۽ ان جي پٺيان ايندڙ پيادل فوج باقي بچيل ساٿهن کي قيدي بڻائيندي آئي. جڏهن سڪندر "پاٽيءَ جي هڪ ننڍڙي تلاءَ" وٽ ڇانوڻي هنئين، تڏهن هيفاسشان ٻه وڌي اچي ساڻس مليو؛ ممڪن آهي ته اهو "پاٽيءَ جو ننڍڙو تلاءُ" سرنده ڍنڍ هجي (٢٨). ان کان پوءِ لشڪر اڳتي پيشقدمي ڪندي، اچي، اوريتائي لوڪن جي

تہ ھو جيڪڏھن جيئرو رھي ھا، تہ پنھنجن دور دراز علائقن
کي مستحڪم ڪرڻ ۾ بہ اھڙي ئي مھارت ۽ قابليت جو
مظاھرو ڪري ھا جھڙو ھن ھڪ فاتح جي حيثيت ۾ ڪيو ھو.
ھنيھن سالن جي ڇمار ۾، وڏيڪ ڪاميابين حاصل ڪرڻ لاءِ
زندگيءَ جي ڪافي وڏيءَ مدت ڏانھن اميدن ڀرين نظرن
سان ڏسڻ ھڪ بلڪل قدرتي امر ھو. ڇا، سڪندر ان ڪان پوءِ
عربستان، آفريڪا يا مغربي يورپ جي ملڪن ڏانھن وڌيڪ
فتحن ڪرڻ لاءِ ساموندي سفر اختيار ڪري ھا، جيئن سندس
قديم دور جي اڪثر سوانح نگارن قياس آرائي (٣٥) ڪئي آھي،
جڏھن تہ ھن لاءِ ھيڏيءَ ساريءَ محنت ۽ تڪليف سان فتح
ڪيل نئينءَ شھنشاھت جي وڏن وڏن صوبن جي ھٿان مرڳو
ڪسجي وڃڻ جو خطرو موجود ھو؟ ھو انھيءَ خطري جي
حقيقت ڪان پوريءَ طرح آگاھ ھو، ۽ ڪيس اھا بہ پوريءَ طرح
ڄاڻ ھئي تہ حالات اھڙو رخ اختيار ڪري ٿي سگھيون،
جو خطري واريءَ جاءِ تي سندس شخصي موجودگيءَ ڪان سواءِ
ٻي ڪابہ شيءِ انھن کي روڪي ڪانہ ٿي سگھي. پر في الحال
ھن جي صحيح جاءِ يا اصلي ڪم سندس فتح ڪيل علائقن
جي عين مرڪز ۽ دل وٽ ھو، جتي رھي، ھو اختيار ۽
اقتدار جون سڀ واڳون پنھنجن ھٿن ۾ مضبوطيءَ سان جھلي
۽ سنڀالي پئي سگھيو. ھن جي زندگيءَ جي آخري چند مھينن
جي دوران سندس پاليسي ھيءَ ٿي معلوم ٿي تہ ھو پنھنجي
نئين رعايا کي تسلي ڏئي تہ سندس دل ۾ ھنن لاءِ ڪيڏي
نہ شفقت ڀريل ھئي ۽ ھنن جي سک ڏک جو ھن کي
ڪيترو نہ اونو ھو. ان لاءِ ھن پنھنجن انھن صوبائي گورنرن
کي مثالي سزائون ڏيڻ شروع ڪيون. جن جي لاءِ اھا
شڪايت ٻڌبي ھئي تہ اھي رعيت سان ظلم ۽ ڏاڍائي وارو
ورتاءُ ڪري رھيا ھئا. انھن مان ڪيترن ئي گورنرن ھن
خيال ڪان بہ پنھنجي خود خياليءَ مطابق عمل ڪرڻ شروع

اعلان ڪيو ويو هو ته آها ته محض اُنهن قبيلن جي هڪ توثيقي صورت هئي، جيڪي خود سڪندر پنهنجي جيئري پاڻ ڪيا هئا(٣٨).

## نوٽ

(١) ايرين، اينا باسسز، III، ٨.

(٢) ايرين، ساسهون حوالو IV؛ ٢٢ V: ٨.

(٣) ڪيو- ڪرٽيش رُوفس، "هسٽري آف اليگزينڊر دي گريٽ" VII، ١٣؛ ايرين V- ٢٩-١٩.

(٤) ايرين V، ٢٦.

(٥) ايرين V، ٢٩.

(٦) ايرين V، ٨؛ VI-١.

(٧) ڊيئو ڊورس سائڪيولس، "ببليوٿيڪا هسٽوريڪا"، ڪتاب XVII، ٩٨.

(٨) ايرين VI، ١٤.

(٩) اسٽرابو، XV ١٠٦.

(١٠) ونسينٽ سمٿ، "سڪندراعظم طرفان فتح ڪيل پنجاب جي خود مختيار قبيلن جي حيثيت"، آڪٽوبر ١٩٠٣ع واري جي. آر. اي. ايس.

(١١) (ايرين VI، ١٥) هيءَ ڳالهه اعتبار لائق آهي ته اها "شاهي دارالحڪومت" انهيءَ "شاهي قلعي" سان واسطو رکندي هجي جيڪو اوپيئائي لوڪن جي ملڪ ۾ هو، جنهن جو هيڪاتائيس ذڪر ڪيو آهي (ٽڪرو نمبر ١٧٥، بحواله "ڪئمبرج جي هسٽري آف انڊيا"، جلد I صفحو ٣٣٦، نوٽ). "سوگدي"، جن کي ڊيئوڊورس "سُوڊرائي" سڏي ٿو، گهڻو ڪري سنسڪرت ادب وارا سؤوير لوڪ آهن (ڊيئوڊورس

نيڪائيہ ۽ بيوسيفلا نالي شهرن ۾، آن وقت رهيا پيا هئا، جڏهن چندرگپت قدم وڌائي، پنهنجا اختيار سنڌو ماٿريءَ تائين قائم ڪري رهيو هو. ممڪن آهي تہ انهن مان جو ڪجهہ مقابلو ڪيو هجي، چاڪاڻ تہ اِها ڳالهہ تحرير ۾ آيل آهي تہ آنهن جا ڪيترا عملدار چندرگپت جي هٿان مارجي ويا هئا(٧).

اِهو معلوم ناهي تہ سنڌ چندرگپت جي هٿ هيٺ ڪڏهن آئي. هِن صوبي جو وڏو حصو پورس کي منتقل ڪري ڏنو ويو هو، جڏهن پيٿان کي گنڌارا تي قابض بنايو ويو هو؛ اِها ڳالهہ عين ممڪن معلوم ٿئي ٿي تہ پورس جي مرڻ تي چندرگپت هڪ اهڙي صوبي جي مٿان بالادستيءَ جي دعويٰ ڪئي هجي، جيڪو پرڏيهي فاتحن طرفان سندس حليف ۽ ساٿيءَ جي حوالي ٿيل هو. اِئين، حالتن جي سازگار هئڻ سبب، ۽ مغرب جي مداخلت کان سواءِ، هن کي پنهنجي اقتدار ۽ طاقت کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ لاءِ ڪيئي سال مِلي ويا. ۽ جڏهن آنهيءَ طرف کان نيٺ مداخلت جو خطرو پيدا ٿيو، تڏهن هو ان کي منهن ڏيڻ لاءِ بلڪل تيار هو. سال ٣٠٥ ق-م ڌاري، نڪيٽور سيليوڪس، پاڻ کي بابل ۾ مستحڪم ۽ اعليٰ طاقت جي مالڪ بنائڻ ۽ هندستاني سرحد تائين واقع مُلڪن تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ، سڪندر واريءَ هندستان جي فتح کي تازي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. چندرگپت انهيءَ ڪاهہ کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ وڏو لشڪر ڪٺو ڪيو. سيليوڪس سنڌونديءِ پار ڪئي، پر اهو معلوم نہ ٿو ٿئي تہ ڪا وڏي جنگ لڳي. ممڪن آهي تہ هندستاني راجا جنگ ڪرڻ لاءِ سهوليت واري هنڌ تي قبضو ڪري ورتو هجي، جنهن سيليوڪس کي مفيد شرطن جي آڌار تي اتحاد جي ٺاهہ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو؛ اهو پڻ امڪان آهي تہ عين انهيءَ موقعي تي هن کي شام کان امداد لاءِ سڏ ٿيو هجي، جنهن ڪيس پنهنجين فوجن کي فوراً (٨) جنگ جي ميدان کان

ڪئي ٿو، ۽ ان لاءِ ٽارن اندازو ڏيکاريو آهي ته آهو شهر آئيپولو ڊوٽس طرفان آباد ڪيو ويو هوندو، ۽ ان تي ڊيميٽريس جي راڻيءَ يا ماءُ جي نالي کي عزت ڏيڻ خاطر آهو نالو رکيو ويو هوندو. ”پيريپلس“ ۾ آندل هن ذڪر مان ته آئيپولو ڊوٽس ۽ مينئنڊر جا سڪا سال ٥٠ قبل مسيح ۾ آنهيءَ ڪتاب جي ليکڪ جي سفر دوران بيري گازا ۾ هلي رهيا هئا، ٽارن اهو نتيجو ڪڍي ٿو ته آهو شهر — ڀڙوچ — پڻ آئيپولو ڊوٽس جي حڪومت ماتحت اچي چڪو هو. هو اِها راءِ ڏئي ٿو ته آهو ساڳيو شهزادو ان ڪان پوءِ گجرات کان اتر طرف اجين ڏانهن وڌيو، ۽ هُن اهو قدم، گنگا جي ماٿريءَ ڏانهن ڊيميٽريس طرفان رواني ڪيل ٻيءَ سهم جي اڳواڻ، مينئنڊر، سان وچي ملڻ ۽ ان کان پوءِ گڏجي چندرگپت جي پراڻيءَ شهنشاهت کي پوريءَ طرح فتح ڪرڻ جي ڪم مڪمل ڪرڻ جي رٿا تي عمل ڪرڻ لاءِ کنيو هو. پر سمجهيو وڃي ٿو ته آنهيءَ رٿا کي جلدئي ترڪ ڪيو ويو، ۽ خيال آهي ته آئيپولو ڊوٽس، سنڌ ۽ ٻين ڏاکڻن صوبن جو انتظام پنهنجن فوجي وائيسرائن جي هٿن ۾ ڏيئي، آخر ۾ ٽئڪسيلا ڏانهن موٽي ويو(١٧).

ڊاڪٽر اي. ڪي. نارائڻ پنهنجي هڪ تازي ڪتاب ”دي انڊو- گريڪس“ ۾ انهيءَ سڄيءَ شهادت جي مڪمل جاچنا ڪئي آهي، جنهن تي سر وليم ٽارن سنڌو ماٿريءَ جي ڏاکڻي علائقي ۽ آسپاس وارن صوبن جي ٻئڪٽرين يونانين جي هٿان فتح ٿيڻ واري سڄي نظريي جو بنياد رکيو آهي، ۽ هو — گهٽ ۾ گهٽ هِن مصنف جي راءِ ۾ پوري اطمينان بخش طريقي سان — ثابت ڪري ٿو ته آنهيءَ جو سڄو دارومدار اڃا به اِسترابو جي طرفان ڏنل حوالي واري آئيپولو ڊورس جي اختياريءَ تي آهي، جيڪو 'پارٿيڪا' جو مصنف هو؛ ڊاڪٽر نارائن اهو به ثابت ڪيو آهي ته اِسترابو

خود ائپولو ڊورس جي ڪن خاص بيانن کي ناقابل اعتماد سمجھندو هو(١٨).

هو مزيد پنهنجي تحقيق ۾ ثابت ڪري ٿو تہ مهاڀارت واري سؤوير ملڪ جي ڏتامتر نالي واري شهر کي يوناني حڪمران ڊيميٽريس سان ڳنڍڻ لاءِ ڪو معقول سبب ڪونهي؛ آهو تہ يوناني حڪمران (يَوانہ ڌِپہ) جو، جنهن جو انهيءَ تحرير ۾ حوالو ڏنل آهي، نالو بہ ڪونہ هو، بلڪ آهو سؤوير لوڪن جي بادشاهہ سُمترا جو هڪ خطاب هو. وري، ناسڪ واريءَ ڪتبي ۾ ذڪر ڪيل شهر، ڌِتامتيءَ، لاءِ چيو ويو آهي تہ اهو اتر طرف واقع هو، حالانڪ سنڌ (سؤوير) هميشه کان قديم هندستان جي مغربي حصي ۾ واقع سمجهي ويئي آهي. ٻئي طرف، جيتريقدر ٽالميءَ واري شهر، ٽيئوفيلا، جو واسطو آهي، تہ ان لاءِ اهڙي ڪابہ شهادت موجود ڪانهي تہ ڊيميٽريس جي زال يا ماءُ جو ڪو اهڙو نالو هو، ۽ اها ڳالهہ بہ، تہ اِنهيءَ فرضي فتح کان ڪي بہ صديون پوءِ واري دور ۾ ٻڙوچ ۾ ائپولوڊوٽس جا سڪا ڪاروباري ڏي وٺ ۾ هلي رهيا هئا، هن ڳالهہ جي ثابتي ناهي تہ آئپولوڊوٽس ڪنهن وقت آتي بادشاهي ڪئي هئي. اِنهيءَ ڳالهہ جي اهميت گهٽو ڪري اِها ٿي سگهي تہ انهن سڪن کيٰ وڏي قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو ــــ جهڙيءَ طرح آسٽريا جي ارڙهين صديءَ واريءَ راڻي ميريا ٿيريسا جي سڪن کي ويهين صديءَ جي آئبيسينيا ۾ اڄ بہ قدر جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو ــــ ۽ انهن سڪن جو هڪ واپاري شهر ۾ تجارتي سرگرمين ۽ ڏي وٺ جي دوران اچي پهچڻ بلڪل امڪاني امر آهي. ان کان سواءِ، نارائڻ پڌائي ٿو تہ ائپولوڊوٽس جي سڪن جا مهاراشٽر ۽ اُجين (١٩) جي سَڪہ قبيلي جي نائب حڪمرانن طرفان نقل ــــ ويندي انهن تي آڪريل يوناني لفظن تائين ــــ ڪرايا ويا هئا.

جي خلاف ڪو وڏو انقلاب يا بُڌ عقيدي جي خلاف ڪو رد عمل رونما ڪونہ ٿيو هوندو؛ پر فقط سابق گورنرن طرفان، جيڪي گهڻو ڪري سؤوير قبيلي جا سردار هئا، پنهنجي لاءِ آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي رتبي حاصل ڪرڻ جون ڪي ڪوششون ضرور عمل ۾ آيون هونديون.

## نوٽ

(١) اسٽرابو، XV. ٢٠ ٥.

(٢) ايرين، V. ٢٧ . ڪوئينٽس ڏانهن منسوب ڪيل تقرير ۾ شايد فوجين طرفان اختيار ڪيل رويي جو صحيح بيان ٿيل آهي.

(٣) سر ڊبليو. ٽارن، "اليگزينڊر دي گريٽ"، جلد II، ص ٣-٣١٢، نوٽ — ٦. ڊيئوڊورس، XVIII، ٣٩، V-A. سمت هن راءِ جو هو ت، سنڌو ماٿريءَ جو علائقو پورس جي حصي ۾ اچڻ بدران، ٽڪسلا جي بادشاهہ جي حصي ۾ آيو هوندو. "آرلي هسٽري آف انڊيا"— ڇهون ڇاپو، ص ١٠٨- نوٽ.

(٤) پلوٽارچ "لائيوز"، ترجمو لينگ هارن، ١٨٧٥ع جو ڇاپو، ص ٥٠٧: ڪرٽيئس، IX. ٢؛ ڊيئوڊورس، XCIII.

(٥) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، ج I، صفحا ٢-٤٧١.

(٦) ڊيئوڊورس، XIX، ١٤، ٨. سي. ايف. ٽارن، "اليگزينڊر"، II، ص ٣١٠.

(٧) جسٽن، "هسٽوريئو فلپيڪائي" XV-٤.

(٨) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، ١، صفحا ٢-٤٣١.

(٩) ٽارن "دي گريڪس اِن بئڪٽريا اينڊ انڊيا"، ص ١٠٠ ۽ نوٽ ٤.

(١٠) مثال طور سين-ٽو، اي-تيئن، پي-او-چيهہ-لٽو، ۽ پي-تو-شيهہ-لٽو ۾؛ بحوالہ ٽي-واٽرس، "آن يوئان چوانگ"،

ج II، ص ٢٥٢، ٢٥٨، سي. اين. "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، I، ص ٥٠١.

(١١) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، I، صفحا ٤٤٢، ٤١٢.

(١٢) اسٽرابو. XI، ١١،١٠٠.

(١٣) "پيريپلس آف دي ايري ٿريئين سي"، ٤٧.

(١٤) ڊبليو. ٽارن، "دي گريڪس اِن بئڪٽريا ائنڊ انڊيا"، ص ١٥٢، ۽ نوٽ-٣، ص ١٧٤، نوٽ-٣، صفحا ٧-١٧٥.

(A-١٤) ٽارن، حوالو ڏنل ڪتاب صفحا ٢-١٤١.

(١٥) ٽارن، حوالو ڏنل ڪتاب، جا صفحا ٢-١٧١.

(١٦) ٽارن ص١٤٢، پتنجلي جي "مها ڀاسيہ" ۽ ڪرساديشور جي "ويا ڪئہ" ۾، سؤوير ديش ۾ دتاستري نالي هڪ شهر جو ذڪر آيل آهي (ڊي. آر. ڀنڊارڪر، "انڊين آئنٽي ڪئري" ۾، ١٩١١).

(١٧) ٽارن، صفحا ٥-١٦٢.

(١٨) اي. ڪي. نارائڻ، "دي انڊو-گريڪس" (او. يو. پي. ١٩٥٧ع) ص ٣٥.

(١٩) نارائڻ، حوالو ڏنل ڪتاب، صفحا ٤٢-٣٩، ٦٨.

(٢٠) نارائڻ، صفحا ٩٢، ١٢٥.

(٢١) نارائڻ، صفحا ١٢٢، ١٨١.

(٢٢) نارائڻ، ص ٧٨.

(٢٣) نارائڻ جي راءِ موجب، هن باري ۾ ڪو ٿوروئي شڪ ٿي سگهي ٿو، تہ انهيءَ مهم جي قيادت مينئنڊر ڪئي هئي، جنهن سيني يوناني بادشاهن ۾ اڪيلي سر هندستان ۾ هڪ عظيم فاتح جي حيثيت ۾ پنهنجو نالو ڇڏيو. مسٽر امرينڊراناٿ لهريءَ جو اهو نظريو تہ آهي ڪاهہ ڊيميٽريس

انهيءَ وقت ڪئي هئي، جڏهن سال ۱۸۴ ق ۰م ۾ ڪمزور بادشاهه برهادرٿ سوريا اڇا پاٽلي پتر جي تخت تي موجود هو، پين ڳالهين کان علاوه، ڪاليداس جي شهادت کي رد ڪري ٿو، چو ته اهو خيال پيش نه ڪيو ويو آهي ته اها ”فتح“ هڪ ڪامياب مختصر چڙهائيءَ کان وڌيڪ هئي. (”انڊين هسٽاريڪل ڪوارٽرلي“ XXXIII نمبر ۱ مارچ ۱۹۵۷ع، ص ۴۰، سي. ايف. نارائڻ، صفحا ۳-۸۲)۰

(۲۴) نارائڻ، صفحا ۸۸، ۹۱۰

تي سندن فاتحن جي طاقت کي عروج حاصل ٿيو. اسين فقط کن ٻين هنڌن تي پيدا ٿيل حالات جي مطالعي مان، ۽ آن مان کي نتيجا اخذ کري، اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ سنڌ ۾ آهي حالتون کيئن پيدا ٿيون، جيئن آهي اسان کي سن ٥٠ع ڌاري نظر اچن ٿيون.

سن ١٣٩ ق. م کان ٿورو ئي وقت پوءِ، سڪارائولي ۽ ايسياني نالي کي سٿين قبيلا، جيکي گهڻي زماني کان وٺي جيحون درياءَ (١) جي ڪنارن تي آباد رهندا آيا هئا، يُوچيهہ نالي هڪ وڏيڪ طاقتور قبيلي جي دٻاءَ هيٺ اچي، پنهنجو قديم وطن ڇڏي، بئڪٽريا طرف وڌيا. هنن انهيءَ ملڪ جو ڪجهہ حصو يوڪريڊائيٽس جي پونيرن کان کسي ورتو، پر معلوم ٿئي ٿو تہ هنن جو اهو قبضو عارضي هو، ۽ انهن جو وڏو تعداد آتان کان وري الهندي طرف ڌوڪيندو، اڳتي وڌندو ويو، جتي هنن جو پارٿين لوڪن سان ٽڪراءُ ٿيو، جيکي آنهيءَ وقت ايرندي ايران جا مالڪ هئا. ان کان پوءِ هڪ طويل جدوجهد شروع ٿي، جنهن ۾ سٿين لوڪن کي سندن همنسل ساٿين کان مدد حاصل ٿي، جيکي انهن کان چار صديون اڳي ڪنهن هنڌان لڏي اچي سيستان ۾ آباد ٿيا هئا. انهن جي مقابلي ۾ نہ تہ فرئاٽس ثاني، ۽ نہ آرتابانس پهرئين جي ڪا دال ڳري سگهي؛ پر پوءِ انهن کي عظيم مٿريڊيٽس ٻئي جي ڏينهن ۾ يا تہ ماري مڃايو ويو، يا انهن کي سيستان مان لوڏي ٻاهر ڪڍيو ويو. جيڪڏهن استرابو جي ڳالهہ تي يقين ڪجي تہ قصو هيءُ ٿو وڃي ٿيهي تہ مٿريڊيٽس ٻئي خود انهن قبيلن جي ملڪ ۾ اندر پهچي، اتي وڃي انهن سان جنگيون ڪيون، جتان اهي اصل ۾ آيا هئا (٢). پر جيڪڏهن پارٿي لوڪن سڄي بئڪٽريا يا ان جو ڪو حصو سٿين لوڪن کان سچ پچ واپس فتح ڪيو، تہ هنن جي ان ڪاميابيءَ ٿوري ئي

هيءَ حقيقت آهي تہ اِهوئي علائقو هو، جيڪو قبل مسيح کان ۾ صديون اڳي(٨) واري دور جي پچاڙيءَ ڌاري ساڪستان جي نالي سان مشهور ٿيو، جڏهن سيٿين لوڪن جو وڏو تعداد اتي وچي وارد ٿيو هو. هيءَ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ سيٿين لوڪن جي هڪ مشهور ۽ معروف قبيلي تي، جيڪو ”يوچي“ جي دياءَ کان اولهہ طرف ڀڳو هو، ”ساڪرائُسلي“ نالو پيل هو.

هندستان ۾ ايران وَانگر ساڪ نالو عام طور سيٿين لوڪن تي مجموعي طور پيل هو، ۽ نہ انهن مان ڪن تي، جيڪي فقط ”سِيائي“ قبيلي سان وابسته هئا. اِسان کي خاطري هئڻ گهرجي تہ هندستانين ساڪ-دو ۾ نالو سنڌو نديءَ جي هيٺين حصي واري ملڪ کي ڏنو هو، ڇاڪاڻ تہ آهو ملڪ آنهن سيٿين لوڪن جي قبيلن آباد ڪيو هو-جيڪي گهڻو ڪري ساڪستان کان آتي پهتا هئا.

پر هندستان جي پهرين ساڪ بادشاهي، جنهن جي متعلق اسان وٽ سِڪن ۽ ڪتبن جي صورت ۾ پڪي ثابتي موجود آهي، آها هئي، جنهن جو بنياد آنهن جي اڳواڻ ”ميئوز“، يونانيُ بادشاهين جا ڪجهہ علائقا فتح ڪري، آتر الهندي پنجاب ۾ قائم ڪيو هو.

هُن جي نالي وارن لڏل سِڪن ۾، جيڪي يوناني حڪمرانن جي سِڪن جو قريبي نقل هئا، ڪيترن ئي قسمن جا مختلف شڪل ۽ صورت وارا سڪا شامل هئا، آنهن ۾ اڀولو ڊوٽس جا مخصوص چورسا سِڪا بہ شامل هئا، جنهن کي گهڻي زماني تائين هندستان جي نسبت سان آنهيءَ نالي وارو پهريون يوناني شهزادو، ۽ ميننڊر جو همعصر سمجهيو ويندو هو. پر انهن يوناني نمونن جي سِڪن تان نقل ڪيل ”ميئوز“ جي سڪن ۾ هڪ اهڙو سڪو بہ لڌو ويو آهي،

نارائڻ جو اهو نظريو قبول ڪجي ته اوپر ايران جا سٿين ۽ پارٿين لوڪ اهڙيءَ طرح سان هڪٻئي سان رليل مليل هئا، جو اهي مجموعي طور هڪ ئي قوم ـــ پهلوا ـــ بڻجي ويا هئا. آتر هندستان ۾ پڻ، جتي (نارائڻ جي نظريي مطابق) ساڪ لوڪ، جن ”ميئوز“ جي سرڪردگيءَ ۾ گنڌارا فتح ڪيو هو، هڪ الڳ قبيلو هئا، ۽ انهن جو پارٿيا سان ڪو اڳ جو واسطو ڪونه هو، ساڪ ”ميئوز“ جي نالي جيي هڪ پهلوا خود مختيار بادشاهه ”آزش“ جي نالي سان ردوبدل جي ڪري ساڪ لوڪن جي حڪمران طبقي جي اهميت ۽ درجي تي ڪوبه اثر ڪونه ٿيو هو. پهلوا گهراڻي جي گونڊو فرنس بادشاهه جي راڄ ۾ پٽيڪا ڪي، جيڪو ”ميئوز“ جي ڏينهن جي وائيسراءِ ليااڪا ڪسولڪا جو پٽ هو، وڏي وائيسراءِ جي عهدي تي فائز ڏٺو وڃي ٿو. انهيءَ دور ۾ متورا ساڪ قبيلي جي هڪ ٻئي وڏي وائيسراءِ، رانجوبولا، جي حڪومت هيٺ هو. اهي گورنر (يا وائيسراءِ) پنهنجا جدا سڪا پاڻ ٺهرائيندا هئا، ۽ هڪڙي فقط ”بادشاهه“ جي خطاب ڪان سواءِ، شاهي گهراڻي جون بيون سڀ رعايتون ۽ حق ماڻيندا هئا(۹ ۱).

پهرين صدي قبل مسيح جي دوران اتر ۽ اتر الهندي هندستان ۾ ساڪ لوڪن کي جيڪو تسلط حاصل هو، تنهن جو عڪس جين ڌرم وارن جي هڪ روايت سان ملي ٿو، جيڪا انهن جي آجين فتح ڪرڻ بابت آهي، ۽ ممڪن آهي ته انهيءَ روايت جو ڪو تاريخي بنياد هجي. چيو وڃي ٿو ته ڪالڪ درويش، آجين جي راجا، گردابيل جي هٿان بيعزت ٿي، ساڪ لوڪن جي ملڪ ڏانهن هليو ويو، ۽ اتان جي ڪن سردارن کي آجين جي بادشاهيءَ تي حملي ڪرڻ لاءِ آماده ڪيائين. هو انهيءَ گهراڻي کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيا، پر ڪجهه سال پوءِ، گردابيل جي پٽ، مشهور معروف، وڪرمادتيه، ساڪ لوڪن تي حملو ڪري، ڪين

مالوا سان تڙي ڪڍيو. وڪرمي سال انهيءَ فتح جي سال ٨٨ ق-م کان وٺي، شروع ٿيل چيو وڃي ٿو(٢٠).

هيءَ ڳالهه خاص طور قابل ذڪر آهي ته ڪالڪ، واضح طور ذڪر ڪري ٿو ته ساڪ لوڪن جي بادشاهه جو لقب "ساهنشاهي"، يعني "بادشاهن جو بادشاهه" هو، ۽ ائين چئي سگهجي ٿو ته اِهو واقعو "ميئوز" جي زماني ۾ ٿيو هوندو، ڇاڪاڻ ته اسان کي معلوم آهي ته ساڪ لوڪن جو آهوئي هڪ بادشاهه هو، جيڪو اِهو لقب استعمال ڪندو هو. ٻئي طرف، اتر پنجاب اُنهيءَ زماني ۾، جنهن ۾ اُنهيءَ واقعي جي ٿيڻ جي دعوا ڪئي وڃي ٿي، مشڪل ڪو "ساڪ لوڪن جي وطن" جي نالي سان مشهور هوندو؛ نه وري "ميئوز"، جنهن جي پنهي پاسن کان دشمن بادشاهتون قائم هيون، ايڏيءَ ڏورانهينءَ مهم لاءِ ماڻهو بچائي، اوڏانهن موڪلي سگهي ها. اسين هيءَ ڳالهه وڌيڪ آسانيءَ سان تصور ۾ آڻي سگهون ٿا ته ڪالڪ انهيءَ ڪم لاءِ اُنهن سيٿين سردارن ڏانهن رجوع ڪيو هوندو، جيڪي ساڪ-دوِپ يعني سنڌ يا ڪاٺياواڙ ۾ آباد ٿيل هئا.

عيسوي سن جي شروعات ڌاري، "يوچي" لوڪن جي "ڪشن" نالي هڪ قبيلي، پاڻ کي بئڪٽريا ۾ انتهائي طاقتور بنايو، ۽ جيتوڻيڪ هندستان ۾ پهلوا گهراڻي جي طاقت گونڊوفرنس جي تحت پنهنجي عروج کي وڃي پهتي هئي، آن جي باوجود سنڌس بادشاهيءَ جي آخري ڏينهن ۾ اُنهيءَ گهراڻي جو تنزل ۽ طاقت جو خاتمو شروع ٿيڻ لڳو هو. پهرين عيسوي صديءَ جي وچ ڌاري ڪشن لوڪ گنڌارا ۾ حد دخل ٿي رهيا هئا، ۽ ڪن پهلوا گورنرن لاءِ سندن بالا حاڪم جي وفاداري جيئن پوءِ تيئن محض رسمي ۽ نالي ماتر بنجي رهي هئي، جيئن گونڊوفرنس ۽ پاڪورس جي سِڪن ۾ سندن عورتن

(٦) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، ص ٥٣٢، ٥٦٤.

(٧) هيرو ڊوٽس، ڪتاب VII، ٦٤.

(٨) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، ١، ص ٥٦٤ ۽ فوٽ نوٽ.

(٩) نارائڻ، حوالي ڏنل ڪتاب، ص ١٤٥.

(١٠) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا" ١، ص ٥٦٤؛ ڊبليو- ٽارن، "دي گريڪس اِن بئڪٽريا ائنڊ انڊيا" ص ٣٢٢؛ نارائڻ، حوالي ڏنل ڪتاب ص ١٤٨.

(١١) وان لوهوزيئن ڊي ليو، "دي سيٿين پيرئڊ" (ليڊن ١٩٤٩ع) ص ٣٣٧-٣٤٠؛ "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، ج ١، تصوير ٩، V ۽ تصوير ٢٧ VII.

(١٢) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، ١، ص ٥٦٨-٩.

(١٣) نارائڻ، حوالي ڏنل ڪتاب، ص ١٣٨، ١٤١ ۽ ١٦٤.

(١٤) ايضاً ص ١٤٢.

(١٥) ايضاً ص ١٤٤.

(١٦) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، ١، ص ٥٧٠.

(١٧) نارائڻ، حوالي ڏنل ڪتاب جي ص ١٤٣ جو فٽ نوٽ، ۽ ص ١٤٤؛ حوالي ڏنل ڪتاب "دي سيٿين پيرئڊ" ص ٤-٣٣.

(١٨) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، ١، ص ٥٦٩ فٽ نوٽ.

(١٩) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، ١، ص ٦-٥٧٥.

(٢٠) "دي سيٿين پيرئڊ"، ص ١-٣٠؛ "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا" ١، ص ١٦٨، ٥٣٢.

(٢١) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا" ١، ص ٥٨٠.

(٢٢) انهيءَ ڪتاب جي اسڪاني سال لاءِ ڏسو ٽارن جو حوالي ڏنل ڪتاب ص ١٤٨ نوٽ ٤.

(٢٣) "پيريپلس"، دفعات ٣٨-٣٩.

(٢٤) "ميلندا پانهو"، ٽرينڪنر ڇاپو، ص ٣٥٩. هيءَ ڳالهه، غير امڪاني ڪانهي، ته هيءُ ملڪ انجيل واري اوفير سان مشابهت رکندڙ هجي. ڪننگهام، "انشنٽ جاگرافي آف انڊيا"، ص ٥٦٩-٥٧١. ٽارن- حوالي ڏنل ڪتاب، ص ٢٦١

(٢٥) "پيريپلس"، ڇاپو مئڪ ڪرنڊل، سيڪشن ٤١.

هيءَ ڳالهه ذري گهٽ اٽل هئي ته شاهي نسل جا ماڻهو، جيڪي هيڏي وسيع سلطنت جي دور دراز صوبن جي نائبي اختيارن هلائڻ لاءِ مقرر ڪيا ٿي ويا، آهي مرڪزي اقتدار سان فقط ان وقت تائين وفادار رهي ٿي سگهيا، جيسين اُن مرڪزي اقتدار جو مالڪ غير معمولي صلاحيتن جو ڪو شخص هجي. معلو ٿئي ٿو ته ساڪه گورنرن جون خود مختياريءَ ڏانهن مائل حڪومتون ۽ پهرين صدي عيسويءَ جي پوئين اڌ دوران، ڪشن گهراڻي جي طاقت ۾ اچڻ کان اڳي، اجين ۽ متورا جي علائقن جي عظيم ساڪه گورنرن جون هر عملي صورت ۾ خود مختيار حڪمرانيون هندو نشاة ثانيه(٥) جي قوت اڳيان نيٺ مغلوب ٿي ويون؛ پر ڪنشڪ جي مرڻ کان پوءِ، ٻي عيسوي صديءَ ۾ ساڪه سردارن ڪنهن طرح هڪ دفعو ٻيهر پڻ اولهه هندستان ۾ شاهي مرتبو حاصل ڪري ورتو. آهي، بهرحال، ڪشترپا ۽ مهاڪشترپا جهڙن اصلوڪن نائبي خطابن تي ئي راضي ۽ قانع رهندا آيا.

منجهانئن ”مغربي والين“ جي نالي واري گهراڻي جو باني چيستنه هو، جنهن جي متعلق جاگرافيدان ٽالمي لکيو آهي ته هو مالوا(٦) ۾ اُجين جو حڪمران هو. هن جي باري ۾ جيڪو اوائلي کان اوائلي سال معلوم آهي، سو ١٣٠ عيسوي سن آهي، جڏهن سندس پوٽو رودرادامن هن جي بادشاهيءَ جي انتظام هلائڻ ۾ سائس شريڪ هو. آهو رودرادامن مغربي والين ۾ سڀني کان وڌيڪ مشهور ٿيو. جهوناڳڙهه ۾ سندس لڳل ڪتبي جي مطابق، جنهن تي سال ٧٢ لڳل آهي (جيڪو سنه ١٥٠ع جي برابر آهي)، هن جي بادشاهي اُتر ڪونڪن، گجرات، مالوا، وچ ۽ ڏکڻ-اولهه راجپوتانا، ڪاٺياواڙ، ڪڇ ۽ سنڌو ۽ سؤويرا تي پکڙيل هئي. هن مشرقي پنجاب جي يؤڌيه حاڪمن ۽ آنڌرا جي بادشاهه سان جنگ جوٽي؛ انهيءَ پوئين نالي واري بادشاهه کان ٿي

هن ڪاٺياواڙ ۾ اتر ڪونڪن(٧) کٽيو هو. ڪتبي تي هن جي زيرين سنڌ جي فتح جو ذڪر ڪونهي، پر عين ممڪن آهي ته اُن فتح جو سهرو به هن جي سر تي هو. ڇاڪاڻ ته اهڙي ڪا شهادت موجود ڪانهي ته آهو صوبو ڪانئس اڳ ڪو چيستن جي علائقن ۾ شامل هو. بلڪ هيءَ ڳالهه زياده امڪاني معلوم ٿئي ٿي ته آهو صوبو رودرادمن جي اقتدار کان اڳ مقامي ساڪ يا پهلوا گورنرن جي هٿ هيٺ هو، جيڪي ڪنشڪ جي پوين سان نالي ماتر وفاداريءَ جو دم ڀريندا رهندا هئا.

رودرادمن هڪ باشعور حڪمران هو، ۽ پنهنجي وزارتي ڪائونسل جي صلاح سان حڪومت ڪندو هو. هن ڪاٺياواڙ ۾ مشهور سُدرسن تلاءَ جي نئين سر تعمير لاءِ رقم پنهنجي خانگي خرچ وارن پئسن مان ڏني، ڇاڪاڻ ته هن جي وزيرن جي ڪائونسل انهيءَ ڪم کي فائديمند نه پئي سمجهيو ۽ انهيءَ ڪري سرڪاري خزاني مان انهيءَ خرچ جي منظوري ڏيڻ لاءِ تيار ڪانه هئي. جهوناڳڙهه واري ڪتبي ۾ هن جي متعلق لکيل آهي ته "هن کي سڀني جاتين طرفان سنڌن حفاظت ڪندڙ جي حيثيت ۾ چونڊيو ويو هو"؛ ۽ هڪڙي ٻئي بيان ۾ ڄاڻايل آهي ته هن قسم کنيو هو، جيڪو هو پنهنجي سڄي عمر پاڙيندو رهيو ته هو جنگ کان سواءِ ڪنهن به ماڻهوءَ کي قتل نه ڪندو.

اهو معلوم ناهي ته لوئر سنڌ ڪيتري زماني تائين اُجين جي مغربي ڪشترپائن جي حڪمرانيءَ هيٺ رهي. ايران جي ساساني گهراڻي جي بانيءَ، اردشير باباڳن، جي متعلق، جنهن سن ٢٢٦ کان وٺي ٢٤١ع تائين بادشاهي ڪئي، فرشتي لکيو آهي ته هو لشڪر وٺي، اتر اولهه هندستان تي ڪاهي ويو ۽ اتان جي حاڪمن کان ڏَنُ ورتائين(٨).

خاص طور قابل غور آهي تہ اهي سونا سڪا اهڙيءَ طرز جا آهن، جن جهڙا ٻئي ڪنهن بہ هنڌ نہ لڌا آهن. انهن سڪن تي جيڪا بادشاهي شبيهہ موجود آهي، تنهن جي پٽڪي تي چنڊ ۽ تارو لڳل آهي، جيڪا ڊزائين سڀ کان اول يزدجرد پهرئين جي سڪن تي نظر آئي آهي، جنهن ٣٩٧ع کان وٺي سنہ ٤١٧ع تائين بادشاهي ڪئي. هيءَ ڳالهہ امڪان جي حد اندر آهي تہ شايد آهي سڪا خاص طرح سان سنڌ ۾ هلڻ لاءِ شاهي ضربخاني طرفان ڇاپيا ويا هجن(١٦). ايراني روايت مطابق، سنڌ جي علائقي تان دراصل اتان جو هندستاني راجا بهرام پنجين جي حق ۾ پاڻ دستبردار ٿيو هو، جنهن سنہ ٤٢٠. کان ٤٤٠ تائين ايران جي حڪومت هلائي، ۽ جيڪو بهرام گور جي نالي سان وڌيڪ مشهور آهي. بهرام گور ايران جي عظيم ترين قومي هيرن مان هڪ آهي ۽ هن جي حاڪمائي زندگيءَ کي انهيءَ رومانوي ڪهاڻيءَ جي چار مان صاف ٻاهر ڪڍڻ آسان ناهي، جيڪا هن جي نالي جي چوڌاري اڻي ويئي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ جيڪا بهترين ڪهاڻي معلوم آهي، سا ذري گهٽ ڪشمير جي راجا جڻ پيد جي باري ۾ ”راج ترنگنيءَ“ ۾ بيان ڪيل آکاڻيءَ جهڙي آهي؛ هو اڪيلائيءَ ۾ ويس بدلائي هندستان جو سفر اختيار ڪري ٿو؛ اڪيلي سر هو هڪ اهڙي شينهن کي ماري ٿو، جيڪو آسپاس جي ملڪ کي ويران ڪري رهيو هو، ۽ اهڙيءَ طرح اتان جو بادشاهہ مٿس مهربان ٿئي ٿو. هن جي اصليت محض اتفاقي طور ظاهر ٿي پوي ٿي، جنهن تي بادشاهہ خوش ٿي، کيس پنهنجي ڌيءُ جو سڱ ڏئي ٿو(١٧).

مسلمان تاريخ نويس لکن ٿا تہ هو هڪ وڏو لشڪر ساڻ ڪري هندستان جي سرحدن جي ويجهو وڃي پهتو ۽ اتان جي بادشاهہ (شايد سنڌو ماٿريءَ جي حڪمران) کي حملي جي ڌمڪي ڏيڻ سان، هڪ اهڙي ڳالهہ ڪرڻ تي

هُوڻ لوڪن قبضو ڪيو هو، تن ڪي مسٽر بي- ڊي- ميرچندانيءَ طرفان نهايت ئي قابليت سان رد ڪيو ويو آهي (١٨A). پر، ائين نظر اچي رهيو آهي ته هُن ڳاڙهيءَ مِٽيءَ جي انهن عجيب و غريب مهرن تي غور نه ڪيو آهي، جيڪي جهڪرَ مان لڌيون آهن، جن تي هڪ مرد جو ڇاتيءَ تائين بدن ڏيکاريل آهي، ۽ انهن مهرن جي سفيد هُوڻ لوڪن جي تصديق شده سِڪن سان وڏيءَ حد تائين مشابهت آهي. انهن جي مشابهت "نرڙ تي ڪنڌ ٿاهيندڙ پٽڪي، ڇاتيءَ جي پٽن جي مخصوص وڪڙن، ساڄي هٿ طرف سُنهن ڪري ڏيکاريل ڇاتيءَ، ۽ ڏاڙهيءَ کان صاف صورت" ۾ نظر اچي ٿي. ان کان علاوه، ڳاڙهيءَ مِٽيءَ جي ٻين مُهرن تي، جيڪي آتي پيل ٻين اهڙن سِڪن سان گڏ لڌيون ويون آهن، جن کي چوٿين يا پنجين صديءَ عيسويءَ سان منسوب ڪيو ويو آهي، "سِري- ڪرپري- هرسيا" جا لفظ اُڪريل آهن، يعني "هَرا، (سِوا) کوپڙيون پائيندڙ جون"، ۽ انهن لفظن سان اسان کي اها ڳالهه ياد ڏياري وڃي ٿي ته مهرا ڪُل شِوا جو پوڄاري هو (١٩).

اها ڳالهه بهرحال، هِن ڳالهه جي قطعي ۽ يقيني شهادت ڪانهي ته اچن هُوڻ لوڪن کي آپرسنڌ جي متان بالادستي حاصل هئي يا اهي ان تي حڪومت ڪندا هئا؛ پر پنجين صديءَ جي آخري حصي يا ڇهين صدي عيسويءَ جي شروع واريءَ اُنهيءَ طوائف الملوڪيءَ واري دور ۾ سنڌ جي ٻين بادشاهن جي موجودگيءَ متعلق به ڪي شهادتون موجود ڪينهن، انڪري اُن دور ۾ سنڌ تي هُوڻ لوڪن جي بالادستيءَ جي امڪان کي قطعي طور رد نٿو ڪري سگهجي.

هُوڻ لوڪن جي ٻين شاخن ۽ انهن سان متعلق قبيلن، جيڪي هندستان جي حملي ۾ هنن سان گڏجي آيا هئا، تن پڻ ڇهين صديءَ عيسويءَ جي دوران بادشاهين جا بنياد رکيا.

کي سپني جي مٿان بالادستي حاصل هئي. هو چوي ٿو ته سنڌ ۾ سوين مڙهيون هيون، جن ۾ اٽڪل ڏهه هزار پوڄاري رهندا هئا. اسٽوپائن جي متعلق هو چوي ٿو ته راجا اشوڪ آهي انهن هنڌن تي تعمير ڪرايا هئا، جتي جتي ٻڌ جا پاڪ نشان مليا هئا(٢٧). هن جو اشارو شايد اشوڪ طرفان ٻڌ جي مقدس يادگارن جي نئين سر ڪيل ورڇ ڏانهن آهي، جيڪا هن اُنهيءَ "عظيم معلم جي جسماني موجودگيءَ" کي پنهنجي سلطنت جي گهڻي کان گهڻو پري ۽ انتهائي دور دراز علائقن ۾ ڦهلائڻ لاءِ ڪئي هئي. ميرپور خاص واري اسٽوپا مان لڌل تمام باريڪ دٻليءَ ۾ شايد ڪا اهڙي ننڍڙي شيءِ رکيل هوندي، ۽ اهو ممڪن آهي ته اصل ۾ آها اشوڪ جي زماني ۾ تعمير ٿيل اسٽوپا ۾ رکي ويئي هوندي، ۽ ان کان پوءِ وري اُنهيءَ جاءِ تي پيهر ٺاهيل اُنهيءَ اسٽوپا ۾ محفوظ ڪئي ويئي هوندي، جيڪو اڄ تائين موجود آهي*. اهو به ممڪن آهي ته سون ۽ چانديءَ مان ٺهيل انهيءَ دٻليءَ جي پرسان لڌل شيشيءَ اندر محفوظ ڪيل رک، شايد آرهت آپارگپت جي هجي، جنهن، يوئان چوانگ جي لکٽيءَ مطابق، اشوڪ جي هدايتن هيٺ سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم کي ڦهلائڻ لاءِ ڏاڍي گهڻي محنت ڪئي هئي(٢٨).

پوڄا پاٺ ۾ ڪم ايندڙ تختين تي، جيڪي ميرپورخاص واري اسٽوپا ۾ رکيل هيون، اهڙا اکر اُڪريل آهن، جيڪي ڇهين صدي عيسويءَ ۽ ان کان پوءِ وارن سالن دوران ڪم آندا ويندا هئا، ۽ هيءَ ڳالهه خاص طور قابل غور آهي ته انهن تي موجود ٻڌ جي اڪثر مورتين کي هندستاني طرز جا ڪپڙا پارايل آهن، ۽ انهن ۾ هڪ ڪلهو چوغي سان ڍڪيل ڏيکاريل آهي(٢٩).

---

* افسوس، جو سنڌ جي قديم تاريخ جو هيءُ شاندار نشان اڄ بلڪل ڊهي پٽ سان ٿي ويو آهي.

ميرپور خاص جي اسٽوپا مان هڪ اهڙي مورتي لڌي وئي هئي، جنهن لاءِ خيال هو ته اُن اسٽوپا جي معمار يا ان جي تعمير لاءِ گهربل رقم چندي ۾ ڏيندڙ ماڻهوءَ جي نمائندگي ڪئي ٿي. انهيءَ مورتيءَ کي چيلهه وٽ ڍوتي ٻڌل آهي، ڳچيءَ ۾ هڪ هار پيل آهي، ۽ مٿي تي هڪ اهڙي پيچيده چيز رکيل آهي؛ جيڪا شايد وِگ (Wig) يا نقلي وارن جو ٽوپ هجي. انهيءَ مورتيءَ کي روغن لڳل هو؛ ان جي ڪٽڪ-رنگي ڇهري ۾، اکيون، ڀرون ۽ سڄون ڪاريون هيون. اُن ۾ ماڻهو هڪ هٿ ۾ هڪ ننڍو ڪنول گل جهلي بيٺو آهي ۽ ٻيو هٿ ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان ڌوتيءَ جي هڪ وڪڙ مٿان رکيو بيٺو آهي، جنهن ڪان شايد (پيسن رکڻ لاءِ) ٻٽونءَ جو ڪم ورتو ويندو هو(٣٠). هن جي ڇهري جو ڊول ۽ پوشاڪ خاص طرح سان ”هندستاني“ آهن. جيڪڏهن اِهو اندازو درست آهي ته آها مورتي اسٽوپا جي تعمير لاءِ ذميوار شخص جي آهي، ته پوءِ اها سنڌ جي انتهائي اوائلي دور جي هڪ عام ماڻهوءَ جي شبيهه جي نمائندگي ڪرڻ سبب خاص طور دلچسپيءَ واري شيءِ آهي؛ آها ٻيءَ يا ٽين صدي عيسويءَ جي دور جي هڪ ممتاز واپاريءَ جي مورت ٿي سگهي ٿي.

## نوٽ

(١) ”انڊين انٽي ڪئري“، ج X (١٨٨١)، ص ٣٢٦ ۾، ترجمو هورنل.

(٢) پنڊت ڀڳوان لعل اندراجي، جي- آر- اي- ايس ١٨٩٠، ص ٦٣٩ ۾.

(٣) اين- اين- گهوش، ”ارلي هسٽري آف انڊيا“، ٽيون ڇاپو، الهه آباد، ١٩٥١ ص ٢٤٣.

(A-۳) سال ۲۳-۱۹۲۲ لاءِ آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جي ساليانہ رپورٽ، ص ۴-۱۰۲ (آر-ڊي-بئنرجيءَ جو مضمون)؛ سر جان مارشل، ”موهن جو دڙو ۽ دي انڊس سوليزيشن“، ج ۱، ص ۳-۱۲۲، ۹-۱۲۷ (مضمون از اين-جي- مجمدار).

(۴) اين-جي- مجمدار، ”ميمائرس آف دي آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا“، نمبر ۴۸، ص ۷ ۾.

(۵) وان لوهوزيئن لي وو، ”دي سيٿين پيرئڊ“ ص ۳۳۶.

(٦) ٿالمي VII-(i). ۳٦.

(۷) اي- پي- انڊ- VIII. ص ۴۲ ايف- ايف.

(۸) ايليٽ، ”هسٽري آف انڊيا“، VI، ص ۵۵۷.

(۹) راءِ چوڌري، ”دي پوليٽيڪل هسٽري آف ناردرن انڊيا“، ڇاپو پنجون ۱۹۵۰ ص ۵۱۰.

(۱۰) هورمسداس جا ڪجهہ سڪا هندستاني اثر جون نشانيون ظاهر ڪن ٿا: مثلن شوا ۽ سندس ڍڳي جون شبيهون نڪتل آهن ۽ ممڪن آهي تہ اهي سڪا ايراني سلطنت جي هندستاني صوبي ۾ هلڻ لاءِ خاص طور جاري ڪيا ويا هجن. رالنسن، ”دي سيونٿ گريٽ اوريئينٽل مانرڪي“، ص ۱۴۱، نوٽ.

(۱۱) ونسينٽ سمٿ، ”ارلي هسٽري آف انڊيا“، پيو ڇاپو، ص ۲۵۵.

(۱۲) هيءَ ڳالهہ خاص طور اهميت واري آهي تہ ساساني دور جا سڪا وڏي تعداد ۾ ٽئڪسلا مان لڌا ويا آهن. جي. مارشل: ”اي گائيڊ ٽو ٽئڪسلا“ ص ۱۷، نوٽ.

(١٣) راءِ چوڌري، ”پوليٽيڪل هسٽري آف ائنشنٽ انڊيا“، ص ٥١٠.

(١٤) ڪزنس، ”ائنٽي ڪوئٽيز آف سنڌ“، ص ٤-١٨٣.

(١٥) ”ستن سهينن“ جي معنيٰ شايد ’پنجاب جا ست معاون درياءَ‘ هجي. اين- اين- گهوش، ”ارلي هسٽري آف انڊيا“، ص ٧-٢٧٥.

(١٦) ڪزنس، ص ١٨٣.

(١٧) ”راج ترنگني“، ترجمو ايم- اي- اسٽين، ج ١، ص ٦٣-١٥٩ (بُڪ- V، ص ٦٢-٤٦٩-٤١٩).

(١٨) ”فارس نامہ“ ص ٨٢؛ طبري ١/٨٦٨، بلوچ نبي بخش خان طرفان ”دي پوليٽيڪل انفلوئنس آف پرشيا اِن پري- اسلامڪ ٽائيمس“ ۾ حوالو ڏنل- جرنل آف دي سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي، ج VIII، نمبر ٢، ص ٥-٧٤.

(A- ١٨) بي- ڊي- ميرچندائي، ”جرنل آف دي ايشيائڪ سوسائٽي آف بامبي“، ٥-١٩٦٤، ص ٨٥-٦١ ۾ ”سنڌ انڊ دي وائيٽ هنس“.

(١٩) مجمدار، حوالو ڏنل ص ٩-٨.

(٢٠) انهيءَ جملي ۾ طبري ۽ المسعودي شامل آهن: بحواله طبري ٨٩٤/١؛ مسعودي، مروج ..٢/II، بلوچ نبي بخش خان جي- ايس- ايڇ- ايس ج VIII نمبر ٢، ص ٥-٧٤ ۾ حوالي طور ڏنو.

(٢١) جي- اي- ايس- بي ١٩٠٢، ص ٥٦.

(٢٢) بانا، ”هرش چرِيتا“، ترجمو: اي- بي- ڪائوويل ائنڊ ايف- ڊبليو- ٽامس (اوريئينٽل ٽرانسليشن فنڊ) ص ١٠١.

(٢٣) مجمدار، حوالو ڏنل ص ٩.

(٢٤) ڪزنس، حوالو ڏنل ص ١٠٥.

(٢٥) ايضاً، ص ٨٩، ٩٧، ١٠٨ - تصويرون XIX ۽ XXIV کان XXXI.

(٢٦) ايضاً، ص ٦.

(٢٧) ساءِ- يو- ڪيي، ترجمو: بيل ج II، ص ٢٧٢.

(٢٨) ساءِ- يو- ڪيي، اڳ ۾ حوالو ڏنل، ڪزنس حوالو ڏنل ڪتاب ص ٨٨، ٩٤.

(٢٩) ڪزنس، حوالو ڏنل ڪتاب، ص ٣-٩٢.

(٣٠) ايضاً، ص ٩٥.

# سنڌ جو پڙ ڏرم وارو راءِ گهراڻو

سنڌ جي پڙ ڏرم واري راءِ گهراڻي جا راجائون هن ملڪ جي حڪمرانن جي انهيءَ اوائلي گهراڻي سان واسطو رکن ٿا، جن جو خود ملڪي تذڪرن ۾ بيان موجود آهي، ۽ سندن نالا پيو ڪتي ۾ موجود ڪينهن. جيڪڏهن اسين "تحفة الڪرام" ۾ ذڪر ڪيل سڀني ڳالهين تي جيئن جو تيئن يقين ڪريون، ته ان صورت ۾ اسان کي انهيءَ گهراڻي جي شهزادن مان پهرئين لاءِ اهو سمجهڻو پوندو ته هن پنجين صدي عيسويءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري بادشاهي ڪرڻ شروع ڪئي، ۽ انهن مان آخري شهزادو اسلامي سن جي پهرئين سال کان ٿورو ئي اڳي يا انهيءَ ئي سال يعني ٦٢٢ع ۾ فوت ٿي ويو. پر اسان کي ان بازي ۾ جيڪا تمام ٿوري آزاد شهادت ملي سگهي آهي، سا البت ان طرف نشاندهي ڪري ٿي ته راءِ گهراڻي جا بادشاهه انهيءَ تاريخ کان پوءِ به ڪيترا سال سنڌ اندر طاقت جا مالڪ هئا. انهن حڪمرانن جي متعلق هن وقت تائين ڪي به ڪتبا دريافت ڪين ٿيا آهن، جن جي ذريعي اسين قديم تذڪرن ۾ لکيل مختصر ۽ ناقابل يقين تحريرن جي تصديق ڪري سگهون. راءِ گهراڻو روايت جي سرحدن کان ٻاهر نڪري تاريخ جي سرحدن اندر مشڪل سان ئي داخل ٿئي ٿو.

هن گهراڻي جي سڀ کان پهرئين شهزادي جو لکيت ۾ آيل نالو ڏيوائيج يا ڏيواجي آهي، جنهن لاءِ هودي والا اهو راءِ پيش ڪري ٿو ته انهيءَ نالي مان مقصد شايد ديودت آهي. "تحفة الڪرام" (١) ۾ ان جي ڇهن جانشينن جو ذڪر آهي، حالانڪ "چچ نامو" فقط ٽن جانشين ٻڌائي ٿو. جيئن ته انهيءَ گهراڻي جي فقط پوين ٽن حڪمرانن کان سواءِ باقي


THE BUDDHIST KINGDOM OF SIND
AS IT MAY HAVE BEEN AT ITS GREATEST EXTENT, c 642 A.D.
PRINCIPAL STUPAS IN SIND △
(contemporary courses of the Indus through Sind, after D. A. Holmes)
SCALE IN MILES 0 50 100 150
Kabul R.
(Peshawar)
Kashmir
Kuram R.
Tochi R.
Salt Range
Jhelum R.
?Taki (Che-h-ka)
Chenab R.
Gumal R.
Indus R.
(Kandahar)
Zhob R.
Suleiman Ra.
MULTAN
MULTANDA
Ravi R.
Beas R.
?Kaikanan
(Quetta)
(Loralai)
Pishin Lora
MULTAN
SIKKA
Sutlej R.
Hakra R.
(Sibi)
(Kalat)
UCH
SUI VIHAR
ASPALAND
Turan
KANDAIL
(Gandava)
Indus R.
MAU
ALOR
?Ramal
(Bikaner)
Makran
KHUZDAR
ALOR
BUDHIYA
Nara R.
SIWISTAN
(Jaisalmer)
Gurjara
(Jodhpur)
SIWISTAN
BRAHMANABAD
BARMER
Hab R.
(Karachi)
?DEBAL
Indus R.
Hakra R.
Luni R.
BHINMAL
Aravalli Ra.
(Udaipur)
Modern coast line
Arabian Sea
Kachh
(Ahmedabad)
Valabhi

هڪ مخصوص قسم جي سڪن لاءِ، جيڪي ٿلهي ليکي انڊو-ساساني سڏيا وڃن ٿا، ۽ جن جي رائج ٿيڻ جي تاريخ گهٽ ڪري ستين صدي عيسويءَ ۾ آهي، ڪننگهام ۽ ٻين سمجهيو هو ته اهي راءِ گهراڻي جي راجائن طرفان جاري ڪرايا ويا هئا. انهن سڪن جي سڄي طرف ڪنهن حڪمران جو ڇاتيءَ تائين بت ڏسڻ ۾ اچي ٿو، باقي ٻئي طرف مختلف سڪن تي مختلف نشان يا علامتون نظر اچن ٿيون: ڪن تي آتشدان آهي، جنهن جي چوطرف خادم بيٺل آهن، ته ڪن تي ڪنهن ديوتا جي اڌ ڇاتيءَ تائين مورت ڏنل آهي، جيڪا ڪن سڪن تي سورج ديوتا جي ته ڪن تي ڪنهن ديويءَ جي آهي. هڪ خاص ڳالهه هيءَ آهي ته انهن مان ڪن سڪن تي جيڪي ڪجهه لکيل آهي، سو ٽن جدا جدا لکتين ۾ آهي: هندستاني ناگري، ساساني پهلوي ۽ ڪشن يوناني — ڪن سڪن تي ٻوين ۾ لکتيون آهن، پر ناگريءَ ۾ ڪجهه به لکيل ڪونهي. انهن تي ٻن حڪمرانن جا نالا به ڏسڻ ۾ اچن ٿا: ٻن يا ٽن تي سري واسوديو، ۽ هڪ تي ”شاهي تگين“؛ ٻيو به هڪ اهڙو سڪو مليو آهي، جيڪو خسرو پرويز طرفان جاري ڪيل سڪن مان قريبي مشابهت رکي ٿو، پر ان تي ڪنهن به بادشاهه جو نالو اُڪريل ڪونهي. تذڪرن ۾ شامل ٿيل حڪمرانن جي فهرست ۾ راءِ گهراڻي جي ڪنهن به حڪمران جو نالو اهڙو نظر نٿو اچي، جنهن کي واسوديو يا شاهي تگين جهڙن نالن سان ڪا مشابهت هجي، حالانڪ اهو ممڪن آهي ته آهي حڪمران هڪ کان وڌيڪ نالي يا خطاب سان مشهور هجن. انهيءَ اندازي جي خلاف وڌيڪ طاقتور اعتراض هن حقيقت ۾ آهي ته انهن مان ڪو هڪ به سڪو انهن علائقن مان دستياب ڪونه ٿيو آهي، جيڪي راءِ گهراڻي وارن جي بادشاهيءَ ۾ شامل هئا. سڪن تي اُڪريل اکرن مان آهي اکر جن جو

حڪومتن جا اهڙا سال ڏنل آهن، جيڪي تذڪرن ۾ آيل تفصيل کان بلڪل مختلف آهن. اچو ته پهريائين انهن تذڪرن ۾ بيان ٿيل ڪهاڻي ٻڌون:

”اوچتو ئي اوچتو نمروز جي بادشاهه جي لشڪر هن جي ملڪ تي ڪاهه ڪئي، ۽ هو وڌي، اچي مڪران ۾ داخل ٿيو. جڏهن اها خبر سيهرس بادشاهه وٽ پهتي، تڏهن هو الور جي قلعي مان پنهنجو مکيه لشڪر ساڻ ڪري، وڏيڪ وقت وڃائڻ کان سواءِ، دشمن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو. جلد ئي هو وڃي جنگ ۾ شريڪ ٿيو، ۽ ٻنهي طرفن کان ڪيئي بهادر ماڻهو ۽ آزمايل جنگي جوڌا مارجي ويا؛ تڏهن ايرانين پنهنجي خلقڻهار ۾ مڪمل اعتماد ڪري، پنهنجي مخالف تي هڪ ڀرپور حملو ڪيو. راءِ سيهرس جو لشڪر ٽڙي پکڙي ويو، ۽ دشمن ان تي غالب پئجي ويو، ۽ ان کان پوءِ سڄي لشڪر وٺي ڀاڄ ڪاڍي. راءِ سيهرس مضبوطيءَ سان ڄميو رهيو ۽ پنهنجي ناليءَ ۽ ناموس خاطر وڙهندو رهيو، تان جو هو قتل ٿي ويو. فارس جو بادشاهه موٽي نمروز ويو ۽ سيهرس جو پٽ، راءِ سهاسي، پنهنجي پيءُ جي تخت تي ويٺو.“

نمروز نالو سجستان کي ڏنل آهي — روايتي طور اهو علائقو ڪيخسرو طرفان عظيم رستم کي سندس گذاري لاءِ عطا ڪيو ويو هو، جنهن کي ايران جي تاريخ ۾ مڪران(ے) جو فاتح سڏيو ويو آهي — ۽ ان جو ”بادشاهه“ ايراني شهنشاهت جو ڪو ماتحت حڪمران هوندو، جنهن پنهنجي خود مختياريءَ جو اعلان ڪيو هو. اها ڳالهه پهرينءَ ئي نظر ۾ هيءُ خيال پيدا ڪري ٿي ته اهو واقعو يا ته ”هورمزد چوٿين، يا اٽڪل سنه ٥٧٩ع ۽ ٥٩٢ع جي وچ ڌاري خسرو پرويز جي بادشاهيءَ جي اوائلي حصي جي دوران ٿيو هو. ايران کي انهيءَ عرصي ۾ خارجي جنگين ۽ داخلي طور بهرام چوٻين جي

لاءِ ڪابہ سَنَدَ موجود ڪانهي. ري، ”ڊنائيسٽڪ هسٽري آف ناردرن انڊيا“ ج ١، ص ٤٥.

(٢٥) البلاذري چوي ٿو تہ اهو صوبو صينعان پٽ سَلمہ طرفان فتح ڪيو ويو هو؛ انهيءَ تي قبضو بہ آن ڪيو هو، جنهن ڪي معاويہ جي مائيجي ڀاءُ، فارس جي مشهور وائسراءِ، زياد، سرحدي لشڪر جو مهندار مقرر ڪيو هو. پر هو لکي ٿو تہ ابن الڪلبي انهيءَ فتح جو سهرو حَڪم بن جلال العابديءَ جي مٿي تي رکي ٿو. ”هيسٽوريَنس آف سنڌ“، ڇ ١ (ايليٽ ائنبڊ ڊاسن، ايڊن) سوسيل گپتا، ڪلڪتہ ١٩٥٥ع، ص ١٨.

(٢٦) بي- ڊي- ميرچندائي ”هيوئن تسيانگ جي سِن-تُو بادشاهيءَ جي سچائپ“، جرنل آف ايشيائڪ سوسائٽي آف بامبي، ج ٤٠-٣٩، ١٩٦٤-٥.

ايضاً ”آن هيوئن تسيانگس ٽرئولس ان بلوچستان“ جرنل آف انڊين هسٽري، XLV، ڀاڱو ٢، نمبر ١٣٤، آگسٽ ١٩٦٧ع؛ ڏسو چچنامہ (قليچ بيگ) ص ١١-١٠.

(٢٧) يوئنان چوانگ طرفان ”پي-تو-شيهہ-لو“ جي متعلق ڏنل بيان لس ٻيلي سان ٺهڪي ٿو اچي.

قدرتي طور هن جي جتيءَ ۾ وڃي پير وڌو. انهيءَ اهم ۽ مکيہ عهدي تي پهچي، هن پنهنجي شهرت اڃا بہ وڌائي؛ "هو عام رعايا سان شرافت، نهٺائيءَ ۽ رحمدليءَ سان پيش ايندو هو، تان جو ٿوري ئي عرصي ۾ هن جو سڄي بادشاهيءَ تي مضبوط قبضو ٿي ويو ۽ هن جو حڪم هرڪو ٿي مڃڻ لڳو".

چچ جي زندگيءَ ۾ انهيءَ وقت ڦيرو آيو، جڏهن راڻي سهاسيءَ هن کي پنهنجي راڻيءَ، سهنديءَ جي موجودگيءَ ۾ ملاقات جو شرف بخشيو، جيڪا هن نوجوان خوبصورت برهمڻ تي عاشق ٿي پيئي. شاهي جوڙو بي‌اولاد هو ۽ سهاسي مڪمل طور پنهنجي زال جي اثر هيٺ هو، جيڪا بظاهر زوردار ارادي ۽ اوڏي ئي زوردار جذبي ۽ جوش جي مالڪ هئي. ان کان پوءِ واقعات انساني فطرت تي مبني دنيا جي پين بہ سوين عشقي انسانن جي طرز تي هڪبئي جي پٺيان رونما ٿيا. راڻيءَ هڪ حرفتي دلال جي ذريعي چچ ڏانهن پيغام روانو ڪيو؛ چچ هن کي اهڙو جواب موڪليو، جنهن ۾ اهڙن جذبن جو اظهار هو، جيڪي سنڌ ۾ صورتحال جي مطابق هئا؛ هن لاءِ پنهنجي آقا جي زال سان سازش ۾ شريڪ ٿيڻ جو خيال ئي نفرت لائق هو-چاڪاڻ تہ هو هڪ وفادار نوڪر، هڪ هوشيار ماڻهو ۽ سڀ کان وڌيڪ هڪ برهمڻ هو: "آءٌ اهو شرمناڪ ۽ نفرت جوڳو ڪم ڪري پاڻ کي داغ نہ لائيندس. تون ڪڏهن بہ مون، مان اهو مقصد حاصل نہ ڪري سگهنديئن". پر هن جيڪي ڪجھ چيو، ۽ بنان ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي جيڪي بہ محسوس ڪيو، تنهن جو سچو اثر عشق ۽ محبت جي سڪايل راڻيءَ جي هن منٿ ڪرڻ تي هاڪار ۾ ختم ٿي ويو، تہ هو جنهن وقت راجا جي حاضريءَ ۾ اچي، تڏهن کيس پاڻ سان ملاقات جي اجازت ڏئي. ان کان پوءِ مخفي ملاقاتون

اسان کي اهو اندازو ڪرڻ گھرجي ته هن جي لاش کي خفيہ طور اڳيئي ساڙيو ويو هوندو - چاڪاڻ ته سنڌ جي آب و هوا انهيءَ معاملي ۾ ديرمدار جي اجازت نہ ٿي ڏيئي سگھي. اهو نظر نہ ٿو اچي ته سازشين راجا جي لاش جي ڪوڙي ۽ جعلي جلوس جو انتظام ڪيو يا پاڻ کي ايتريقدر طاقتور سمجھيو، جو اها پرواهہ نہ هين ته ماڻهو ان باري ۾ ڇا سمجھندا. سندن خيال ۾ هڪ ئي ڳالهہ هئي، جنهن جي پورائيءَ ۾ هو هرطرح جي اهتمام ۾ لڳا رهيا، پوءِ ماڻهو ڀلي ته جيئن وڻين تيئن وچي سمجھن.

تخت ۽ تاج کي ڦٻائڻ جي سلسلي جو اهو ڀهريون مرحلو اهڙيءَ طرح ڪاميابيءَ سان سر ڪيو ويو. انهيءَ نقطي تائين ڪهاڻيءَ جو قدر، سچي پچي تاريخ جي عڪس طور، ان جي امڪاني ۽ غير امڪاني هئڻ جي متعلق اسان جي پنهنجي ذاتي خيالن کان وڌيڪ مضبوط ٻئي ڪنهن معيار ۽ پيماني سان نہ ٿو ماپي سگھي. ليڊي مئڪبيٿ وانگر مضبوط قوت ارادي رکندڙ ڪيترين ئي هندستاني راڻين جون اهڙيون حوصلہ مند ڳالهيون مشهور آهن، جن پردي جي پٺيان رهندي واقعات کي پنهنجي مرضيءَ موجب ٻئي موڙيو ۽ مرتب ڪيو آهي. ڪيترن موقعن تي برهمڻ وزيرن به پنهنجن راجائن کي، جن جي خدمت ۽ وفاداريءَ جو اهي دم پرڻ جي دعوٰي ڪندا هئا، تخت تان لاهي، سندن جاءِ پاڻ والاري آهي(٤). ٿي سگھي ٿو ته ٻئي ڪنهن برهمڻ جو اهڙو ساڳيو مثال نہ هجي، جنهن عين اهڙيءَ طرح رت جي درياهہ سان لنگھي، تخت تي ناجائز طور قبضو ڪيو هجي جيئن چچ ڪيو، پر چچ، هڪ پيرو پنهنجي ضمير جي خلاف عمل ڪري، ۽ زورآور سُهنديءَ جي تسلط هيٺ اچڻ کان پوءِ، حالات جي وهڪري ۾ اڳتي وڌندو رهيو. هو اِن سلسلي ۾ پاڻ کي ائين چٽي سمجھائي ٻئي سگھيو ته ٻين برهمڻ کي بہ،

اچي نٿو سگهي (٥). وري، اسان کي هيءَ ڳالهہ معلوم ڪري
بہ، جيڪڏهن وڏيڪ نہ، تہ بہ اوڏي ئي حيرت لڳي ٿي تہ
هن پنهنجي ڀاءُ چندر کي ”جيڪو سيني تيائي انسانن جو تاج“
هو، پنهنجو سندر چڏي، سندس ئي ماتحت الور جي نائبي قبول
ڪرڻ لاءِ بہ آماده ڪيو. ان کان علاوه، چچ طرفان پنهنجي
ڀاءُ کي هن باري ۾ مطمئن ڪرڻ لاءِ تہ اِهو سندس فرض
هو، جيڪي دليل پيش ڪيا ويا آهن، سي هندو عقيدي
جو پڌري پٽ هڪ فضول، بي‌سروپا ۽ غلط تعبير آهن.
دراصل، جيئن جيئن قصو اڳتي وڌندو وڃي ٿو، تيئن تيئن
تفصيلات ۾ جيڪي غيرامڪاني ڳالهيون نظر اچن ٿيون، سي
وڌنديون وڃن ٿيون.

چچ جو پيو قدم پنهنجي بادشاهيءَ جي ماتحت صوبن
۽ ڏورانهن پرڳڻن کي پوريءَ طرح پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ هو.
هُن لاءِ، جنهن کي سهاسيءَ جي وزيريءَ واري زماني ۾
بادشاهيءَ جون سڀ انتظامي ڳالهيون آڱرين تي ياد هيون،
۽ جيڪو بادشاهيءَ جي هرهڪ ڪنڊڪڙڇ تي مڪمل
ضابطو رکندو هو، هائي ٻڌايو ٿو وڃي تہ هن کي پنهنجي
بادشاهيءَ جي اڳوڻين سرحدن بابت پنهنجي وزير ٻُڌيمان سان
صلاح مشوري جي ضرورت پيئي. ان مان هڪ امڪاني نتيجو
اهو نڪري ٿو تہ اُن کان اڳ ۾ جيڪي بہ چيو ويو آهيءَ
تنهن جي باوجود سهاسي ٻئي جي وزير جي حيثيت ۾ چچ
طرفان جنهن بادشاهيءَ تي حڪومت هلائي ويندي هئي، سا
ذري گهٽ انهن ئي سرحدن تي مشتمل هئي، جنهن جو ذڪر
يوئان چوانگ ڪيو آهي، ۽ سهاسي پهرئين جي زماني ۾ تہ بادشاهي
گهڻي قدر وڌيڪ وسيع بہ هئي. ان جي باوجود، چچ اُنهيءَ
بادشاهيءَ جي اڳوڻين حدن دان بہ بلڪل بي‌خبر تہ ڪونہ
هوندو. هن مرحلي تي ’تذڪري‘ ۾ بادشاهہ ۽ وزير جي

هي اهوئي بادشاهه آهي، جنهن ياتري يوئان چوانگ جو پنهنجي بادشاهيءَ جي اوائلي حصي(٧) جي دوران وڏيءَ مهمان نوازيءَ سان استقبال ڪيو هو. هي هڪ ڏاڍو طاقتور بادشاهه هو، جنهن جا قدم ميداني علائقي ۾ پختا ٿي ويا هئا، پر، ياتريءَ جي بيان مطابق، اتر پنجاب جو وڏو حصو ”چيهه-ڪا“ نالي هڪ خودمختيار ۽ آزاد بادشاهيءَ تي مشتمل هو. ۽ آها بادشاهي ڪشمير جي علائقن ۽ ملتان جي درميان حائل هئي. گهٽ ۾ گهٽ سن ٦٤١ع ۾، ملتان چيهه-ڪا بادشاهيءَ جو هڪ ماتحت صوبو هو، ۽ ائين ٿي سگهي ٿو نه باجيراءِ طرفان امداد لاءِ موڪليل درخواست دراصل ”چيهه-ڪا“ جي حڪمران ڏانهن ڪئي وئي هجي، جيڪو اُنهيءَ رياست جو بالا حاڪم هو، ۽ آهائي رياست اُنهيءَ دور ۾ جانشينيءَ ۽ وراثت جي مسئلي جي دشوارين ۾ مبتلا هئي.

چيو ويو آهي ته ملتان کان چچ ٽڪرين جو دامن وٺندو، رستي تي ڪنهن به مقابلي کان سواءِ، ڪشمير جي سرحدن تائين پيشقدمي ڪندو هليو ويو. ظاهر آهي ته اِن ۾ هو اهڙي ملڪ وچان گذريو هوندو، جيڪو جيهه-ڪا رياست جو هڪ حصو هوندو، جيتوڻيڪ تذڪري مان اسان کي اهو معلوم ٿئي ٿو ته اهو سڄو علائقو سنڌ جي بادشاهيءَ ۾ ملتان(٨) واري پرڳڻي جو هڪ حصو ئي هو! هن کي، بهرحال، ڪنهن به مخالفت جو منهن ڏسڻو نه پيو— برهمپور، ڪَرور ۽ اشهر جي گورنرن هڪڙي جي پٺيان ٻئي سندس آڏو مڃي— ۽ هن سرحدي علائقن ۾ پهچي، پاڙيسري سردارن تي رعب ڄمائي، هنن کان امن قائم رکڻ جا اقرار ورتا. مشترڪه سرحدن مقرر ڪرڻ لاءِ ڪشمير جي بادشاهه جي نمائندن سان ڪنهن ملاقات ڪرڻ جو ڪو به ذڪر ٿيل ڪونهي، جيتوڻيڪ چچ لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو انهيءَ هنڌ تي پوري هڪ مهيني تائين ڇانوڻي لڳائي ويٺو هو. آها جاءِ چِڪلهار

قلعي جي پاسي ۾ هئي، جيڪا "ڪيھہ" يا "ڪنڀ" نالي جاءِ کان اوچائيءَ ۾ وڌيڪ مٿي هئي. آتي "پنج ناهيت" نالي هڪ نديءَ جي ڪناري تي — شايد آها جهلم ندي هئي — هن اهڙي طريقي سان ۾ وڻ پوکيا (جن مان هڪ اچو چيل ۽ ٻيو ڏيال جو هو)، جو انهن جون شاخون هڪٻئي سان اچي ڳنڍجي ويئيون. بظاهر، اهي ٻئي وڻ ٻنهي ملڪن جي علامت طور پوکيا ويا هئا. انهيءَ بيان ۾ استعمال ڪيل هيءَ رنگ آميزي اسان جي شڪ ڪني وڌائي رهي آهي ته اتر طرف چچ جي مهم جو ذري گهٽ سچو بيان افسانو آهي، جيڪو هڪ طرح جو "ڏِگ وجيه" آهي، جنهن جو مقصد محض هن جي ناموس ۽ شهرت ۾ اضافو ڪرڻ آهي.

هن جي طرفان سندس بادشاهيءَ جي ڏاکڻن علائقن ۾ ڪيل ڪارروايون البت وڌيڪ مضبوط ۽ پختن بنيادن تي ٻڌل معلوم ٿين ٿيون. هو هڪ سال تائين الور ۾ قيام ڪرڻ کان پوءِ "مهراڻ کي 'ديهايت' نالي هڪ ڳوٺ وٽان پار ڪري، جيڪو سما ۽ الور جي درميان سرحدي ڳوٺ هو"، ٻڌيه ۽ سيوستان طرف ويو. ٻڌيه جي سردار جي نالي کي جدا جدا نموني لکيو ويو آهي، ۽ هوديوالا اِها راءِ ڏئي ٿو ته "باگهو" لقب يا ذات جي نالي جي اصلي شڪل شايد "ٻِڪو" هجي، جنهن مان اهو انومان نڪري ٿو ته هو شايد ٻڌ ڌرم جو پائلو هو(٩). هن جي گاديءَ واري شهر جو نالو "ڪراج" هو، جتان جي رهاڪن کي "سيوي" سڏيو ويندو هو. چچ حملو ڪري سيويَن جو قلعو قبضي ۾ آندو — ڪن جي طرفان انهيءَ کي جديد 'سيبي' سمجهيو ويو آهي، حالانڪ اَن "سيوين" جي شهر جو اتر طرف ايتري وڏي مفاصلي تي هئڻ غير امڪاني نظر اچي(١٠) ٿو، — ۽ سردار جي پٽ پنهنجي پيءُ جي پاران آڻ مڃي. معلوم ٿئي ٿو ته هنن کي سندن سابق عهدن ۽ اختيارن تي آتي ئي قائم رکيو ويو.

ذري برابر بہ ڪا ملامت ڪانہ ڪئي؛ دراصل هُن آنهيءَ سچي معاملي کي ديني نقطي نگاهہ کان نہ پر فقط هڪ سياسي معاملي (٢٥) طور ڏسڻ مناسب سمجهيو.

سيسليءَ جي اها فتح هڪ رواجي عارضي حملي کان وڌيڪ ڪجهہ نہ هوندي، ڇاڪاڻ تہ مسلمانن طرفان انهيءَ ٻيٽ تي مستقل قبضو نائين صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ المامون جي خلافت کان اڳي ڪونہ ڪيو ويو هو. پر آنهيءَ معمولي ترميم کان سواءِ اسان کي ٻيءَ سڄيءَ ڪهاڻيءَ کي سچو سمجهڻ گهرجي، جنهن کي البيرونيءَ پنهنجي زير بحث موضوع لاءِ هڪ انتهائي تُز مثال طور پيش ڪرڻ مناسب ٿي سمجهيو. هڪ ڀيرو وري بہ اسان کي افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ هن موقعي تي وري بہ هڪ معتبر مسلمان مصنف اسان کي انهن "ڪافر شهزادن" يا شهزادي جي نالي مهيا ڪرڻ جي معاملي ۾ مايوس ڪرڻ مناسب سمجهيو. پر اسان کي معقول حد تائين اها پڪ سمجهڻ گهرجي تہ آن موقعي تي، يعني سال ٦٧٠ع ۾ چچ ئي سنڌ جي تخت تي ويٺل هو.

هن جاءِ تي، واقعي، هڪ عجيب تصوير ذهن جي سامهون اچي ٿي. آهي مورتيون جيڪي مسلمانن طرفان عيسائي ديولين مان حاصل ڪيون ويون هيون، تن کي ئي شايد نئين صورت ڏيئي، هندو ديوتائن ۽ ديوين جي بتن جي حيثيت ۾ ديبل واري مندر ۾ نصب ڪيو ويو هو، جتي آهي، ٿوري ئي مدت پوءِ، وري ٻيو ڀيرو اسلام جو مال غنيمت بڻيون.

## نوٽ

(١) هن سڄي باب جو بنياد انهيءَ ڪري "چچ نامي" تي رکيل آهي. پڙهندڙن جي سهولت لاءِ مرزا قليچ بيگ جي انگريزي ترجمي (ڪراچي، ١٩٠٠ع) جا حوالا ڏنا

(١٠) ريورٽي "نوٽس آن افغانستان"، ص ٥٦٤.

(١١) هودي والا، ص ٨٤، قليچ بيگ ص ٣٢ سي ايف. "چچ نامي" جو سنڌي ترجمو از: مخدوم اميراحمد، ص ٥٦ ۽ فٽ نوٽ.

(١٢) قليچ بيگ، ص ٨٨.

(١٣) هودي والا، ص ٨٤.

(١٤) قليچ بيگ، ص ١٤٢.

(١٥) هودي والا، ص ٨٣.

(١٦) مثلاً سندس پاران چندر کي الور جي حاڪم مقرر ڪرڻ وقت ڏنل سندس هدايتون - قليچ بيگ، ص ٢٤.

(١٧) اسڪائيز، "هسٽري آف پرشيا"، ج ١، ص ٤٨٩.

(١٨) قليچ بيگ، ص ٥٧.

(١٩) ايليٽ، ص ١، ص ٤-١٢،١٤؛ ڏسو قليچ بيگ ۾ نوٽ ص٨-٣٧.

(٢٠) ايليٽ مڪران ۾ لڳل جنگ جو بيان، پنهنجي ضميمي "دي ائڊوانس آف دي عربس ٽوورڊس سنڌ" (عربن جي سنڌ ڏانهن پيشقدمي) (جلد پهريون، ص ٨-١٧،١٤)، "تاريخ - گزيده" جي اختياريءَ تي ڪري ٿو، جنهن جو حوالو ريناڊ پنهنجي "ميمائر سور ايل انڊي" ۾ (ص ١٧١ تي) ڏنو آهي. ڏسو "منتخب‌التواريخ".

(٢١) ريورٽيءَ جو خيال آهي ته اهو ارمارا (هورمارا) هو، ("مهراڻ"، ص ٢٣١، نوٽ ١٨٢)، جيئن ته ارميل ديبل کان صرف چئن ڏينهن جي سفر جيتري مفاصلي تي هو ۽ الاسطخريءَ جي بقول، انهيءَ جي اورمارا هئڻ جو امڪان ڪونهي (ايضاً، ص ٢١٢).

(٢٢) ڈسو ايليٽ ج ١، ص ٦-٣٨٥. ايليٽ سمجھي ٿو تہ ميني ندي، سبيءَ جي علائقي جي ھئي، يعني ناڙي، جيڪا گنداوه جي ويجھڙائيءَ ۾ وھي ٿي. ريورٽيءَ جو خيال اھو آھي تہ ڪنديل، زھريءَ جي پرسان، جھالاوان ۾ ھو. ("نوٽس آن افغانستان"، ص ٥٦٦).

(٢٣) "اسلامڪ ڪلچر" اپريل سنہ ١٩٤٥ع ۾، "اي پيپ ان ٽو دي فرسٽ عرب ايڪسپيڊيشنس ٽو انڊيا انڊر دي ڪمپينيس آف دي پيرافٽ" از: ايم. اسحاق. اسلامڪ ڪلچر، جولاءِ ١٩٤٦ع ۾ "دي پرابيبل ڊيٽ آف دي فرسٽ عرب ايڪسپيڊيشنس ٽو انڊيا" از: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

(٢٤) مثلاً قليچ بيگ ص ١١٥، ١٤١، ١٥٦، ١٦٣.

(٢٥) البيرونيءَ جو "انڊيا" ايڊٽ ڪيل اي. سچائو، ج ١، ص ١٢٤.

جو ارادو ظاهر ٿيڻ نہ ڏنو، ۽ انهيءَ باري ۾ سڀني انديشن ۽ شڪن کي رفع ڪرڻ خاطر، الور ۾ اڪيلو داخل ٿيو. سپاٽي ٻڌيمان جي صلاح کان سواءِ، ڏاهر پڪ ئي پڪ ڏهرسيہ سان گڏجي، سنڌس چانوٽيءَ تائين وڃي ها. ۽ سچ پچ بہ ڏهرسيہ سان گڏجي، هڪ ئي هاٿيءَ تي هُن جي پٺيان ويهي، قلعي کان ٻاهر وڃي رهيو هو، جڏهن ڪيس آخري وقت تي هن ڳالهہ تي آماده ڪيو ويو تہ هو، هڪدم قلعي جي صدر دروازي جي چوڪٽ کي چنبڙي پوي ۽ پاڻ کي هاٿيءَ کان جدا ڪري وٺي. دروازو ڏهرسيہ جي پٺيان بند ڪيو ويو، ۽ اهڙيءَ طرح ڏاهر صحيح سلامت الور ۾ رهجي ويو. ڏهرسيہ ٿوروئي عرصو پوءِ، ڏاڍيءَ سهولت سان، بخار ۾ مبتلا ٿي، وقتائتو مري ويو، ۽ ڏاهر اڪي سنڌ جي بادشاهيءَ جو واحد مالڪ بنائي ڇڏي ويو.

انهيءَ واقعي جي هڪ جدا روايت ”تاريخ معصوميءَ“ ۾ تحرير ٿيل آهي، جنهن موجب ڏهرسيہ کي سنڌس ماءُ ۽ ڪن اسيرن جي دليلن انهيءَ ڳالهہ تي آماده ڪري وڌو تہ هو ڏاهر جي ڀائيءَ سان ٿيل نالي ماتر شاديءَ کي ڪٽي تسليم ڪري، ۽ ٻنهي ڀائرن جي درميان راضي نامو ڪيو ويو. انهيءَ بيان ۾ هي پڻ ٻڌايو ويو آهي تہ ڏهرسيہ اُن ملاقات کان جلدئي پوءِ قدرتي سببن کان مري ويو (٥).

اسين هن ڳالهہ کي، بنان ڪنهن خوف ۽ خطري جي، هڪ تاريخي حقيقت طور تسليم ڪري سگهون ٿا تہ چندر جي مرڻ کان پوءِ، سنڌ ڪجهہ عرصي تائين ٻن آزاد ۽ خود مختيار رياستن جي حيثيت ۾ ورهايل رهجي ويئي، جن تي ڇچ جي ٻن پٽن جي بادشاهي قائم هئي؛ ننڍي ڀاءُ جي وڏائيءَ ۽ ڏيکاءَ تي وڏي ڀاءُ کي سخت ناراضگي هئي، ۽ وڏي ڀاءُ جي مرڻ تي، جيڪو بظاهر وارثن ڇڏڻ کان سواءِ

اهو قنوج جو بادشاهه رائومل راءِ هو. هن ڳالهه جي صاف ڪرڻ لاءِ ڪو به اشارو ڪونه ٿو ملي ته رمل جو هيءُ بادشاهه "رمل جو بادشاهه سوپان راءِ پاڻ" ئي هو، جيڪو پائيءَ جي پانهن جو ناڪام اميدوار هو، يا ان سان واسطو رکندڙ ڪو ٻيو بادشاهه هو؛ نه وري اهو پتو ٿو پوي ته رائومل راءِ قنوج جي ساهرس جو وارث ۽ جانشين هو، جيڪو چندر جي بادشاهيءَ وارن ڏينهن ۾ سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو هو. هيءَ ڳالهه يقيناً حيرت انگيز آهي ته ملڪ جي فتح ڪرڻ لاءِ اها ڪوشش، فقط انهيءَ وقت ۾ ڪئي ويئي، جڏهن ڏاهر سڄيءَ بادشاهيءَ جي مٿان پنهنجي اقتدار کي مستحڪم ڪري چڏيو هو؛ اُن جو موزون موقعو ته ظاهري طور انهيءَ زماني ۾ هو، جڏهن ڏاهر ۽ ڏهرسيه هڪٻئي سان دست و گريبان هئا ۽ پاڙيسري حڪمرانن کي مداخلت ڪرڻ لاءِ پائيءَ جي شاديءَ واري بدناموسيءَ جي ڳالهه هڪ بهانو مهيا ڪري ها.

جيتوڻيڪ ڏاهر جي بادشاهيءَ لاءِ چيو ويو آهي ته اها مضبوط بنيادن تي قائم ٿي چڪي هئي، پر معلوم ٿئي ٿو ته هو بحرانن سبب همت هاري ويٺو هو، هو پنهنجي وزير ڪان مشورو گهري ٿو، جيڪو هڪ فصيح ۽ بليغ تقرير ۾ طريقي ڪار جا ٻه مختلف رستا ٻڌائي ٿو؛ ان هوندي به ڏاهر آخر ۾ فقط اهو اعلان ڪري ٿو ته هو بيعزتيءَ تي موت کي ترجيح ڏيندو، پر هو اڃا به اها ڳالهه نٿو سمجهي سگهي ته ڇا ڪجي. وزير ٻڌيمان نهايت هوشياريءَ سان هن کي هڪ ٻئي صلاحڪار ڏانهن موڪلي ٿو. اهو صلاحڪار علافي قبيلي جو هڪ عرب هو، جيڪو عبدالرحمان نالي هڪ شخص کي مڪران ۾ هڪ جهيڙي ۾ قتل ڪرڻ ۽ خليفي جي طرفان جلاوطن ٿيڻ ڪري، سنڌ ڏانهن ڀڄي آيو هو ۽ پنهنجن پنجن سون پوئلڳن سميت ڏاهر جي نوڪريءَ ۾ اچي

اتان جو بادشاهہ اسلام جي طاقت جون ڳالهيون ٻڌڻ سان
ايترقدر متاثر ٿيو هجي، جو هن ”خليفي ڏانهن تحفا تحائف
موڪليا هجن. جهازن تي مسلم عورتن جي موجودگيءَ جو
هن مفروضي ڪان سواءِ ڪو جواز موجود ڪونهي تہ سلون
جي سامونڊي بندرن يا هندستان جي مغربي ڪناري تي
ڪي عرب واپاري آباد ٿيل هئا. اسان ڪي اهو بہ ٻڌايو
ويو آهي تہ انهن جهازن تي ڪجهہ واپاري پڻ سوار هئا،
جن ڪي بہ ديبل تي روڪيو ويو. پر اهو نہ ٻڌايو ويو آهي
تہ اهي مسلمان هئا يا سلون جا رعيتي هئا.

”تاريخ معصوميءَ“ جي مطابق اهي جهاز ڪن شامي
واپارين جا هئا، ۽ انهن ڪي خليفي عبدالملڪ طرفان ڪنيزن
۽ هندستان ۾ ٺهندڙ قيمتي ڪپڙن خريد ڪرڻ لاءِ، اوڏانهن
موڪليو ويو هو. اهي جهاز انهيءَ سامان سان پرجي، موٽ
تي ديبل بندر وٽ اچي لنگرانداز ٿيا، جتي انهن تي سامونڊي
